


دوها

# آءُ لهر سمونڊ جي

سعيد ميمڻ

# آنءُ لهر سمونڊ جي

(شاعري)

سعيد ميمڻ

Jeay Sindh

ڪنول پبليڪيشن قنبر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

BOOK NO: (135)


• **Aa`oo Lahir samooud je**

Poetry

• Saeed Momen

FIRST EDITION 2014



*All Rights Reserved Poet*

© KANWAL



Publication Kamber

• آنءُ لهر سمونڊ جي

شاعري

• سعيد ميمڻ

ڇاپو پهريون: آڪٽوبر 2014ع

ڪمپوزنگ@ٽائيٽل: ڪنول گروپ

ڪنول

پبليڪيشن قنبر


ملهه: 200 روپيا

**ڪتاب ملڻ جا هنڌ:**

- پٽائي ڪتاب گهر، حيدرآباد. سنڌيڪا ڪتاب گهر، حيدرآباد
- فڪشن هائوس، حيدرآباد، - ڪنگ پن بڪ هائوس پريس ڪلب، حيدرآباد
- ڪامريڊ بڪ اسٽال، ڄامشورو - رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو
- مهراڻ ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو- وسيم ڪتاب گهر، شڪارپور
- سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر- تهذيب بڪ اسٽور، خيرپورميرس
- ٿر ڪتاب گهر، مٺي، الفتح نيوز ايجنسي، سکر --


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

پيارن دوستن

**قاسم ڪيهر**
**يامين بلوچ**
**احسان سومرو**

۽

**قدير شيخ**

جي نانءِ

Jeay Sindh

ادارِي پارانءُ

**سعيد** ميمڻ ـــ سنڌي جديد شاعريءَ جو سگهارو آواز، ڏڙڪنن سان پريل آرٽسٽ وجودَ جي انوکي انداز ۾ نمائندگي ڪندڙ، خوبصورت سادگيءَ ۾ سمويل، ڪن خوشگوار ۽ گهرن احساسن ڏانهن سفر جو حوالو آهي.

جديد سنڌي شاعريءَ ۾ فني/ فڪري تجربن جي آبياري ڪندڙ شيخ اياز کان پوءِ ايندڙ هر ٿهيءَ پنهنجي وت ۽ وسَ آڌار انهن تجربن ۾ جيڪو آٽـلڪو اضافو ڪيو آهي، انهن ۾ نمايان سعيد ميمڻ بہ آهي. ”آءُ لهر سمونڊ جي“ بہ اهڙي ئي تجرباتي سلسلي جو جُز آهي، جنهن ۾ ٻن سٽن ۾ اننت سنسارَ سمائيندڙ ”دوها“ صنف کي وڏي قدر واري نگاهہ رکي دل جي حضور سان پيش ڪيو ويو آهي.

هن کان اڳ دوها لکيا ۽ ڳايا تہ ويا آهن پر دوهن جو مڪمل ڪتاب تخليق ڪرڻ جو پهريون اعزاز پنهنجي نالي ڪندڙ سعيد ميمڻ جي 700 جي قريب دوهن ۾ ايترو تہ موضوعاتي مواد، فني رنگ ڍنگ سان پرويل آهي، جو دوهي صنف ۾ نئين سر ساهہ ڦوڪيندي، سنڌي شعري جهانَ ۾ جدت ۽ حيرت جي جاري ڪوتائي ڪاروان کي پڻ نئون اتساهہ بخشي پيو.

سعيد ميمڻ وٽ ڏات ۽ ڏانوَ جي ڪمي ناهي. ”آءُ لهر سمونڊ جي“ ۾ آيل دوهن ۾ پڻ هُن پنهنجي پختي تخليقي سُونَ جي پالوت ڪري نقاد جوهريءَ کي اڻ توريو اگهائڻ جو دعوتنامو پيش ڪيو آهي.

”آءُ لهر سمونڊ جي“ نہ رڳو سعيد ميمڻ جي شاعراڻي رتبي جو رنگُ ويتر گهاٽو ڪندڙ آهي پر **ڪنول** پبليڪيشن سٽ لاءِ بہ ان سرهي ڪاج ۾ سيوڪ ٿيڻ اعزاز نما آهي.


**سعيد سومرو**

**ڪنول** پبليڪيشن قنبر

Cell: 0333_7523132

Saeedsoomro4@yahoo.com

مهاڳ

# هيءَ جا ول انگور جي

شاعريءَ ۾ هئيت جو احساس قافين، رديفن ۽ بحر وزن جي پابندين کان پرانهين هڪ اهم ۽ جٽادار حيثيت رکي ٿو، اهو صرف خارجي ڪيفيتن سان جڙيل ناهي هوندو ان ۾ داخلي ڪيفيتن جو بہ گهڻو عمل دخل هجي ٿو. ڪنهن بہ شاعر اندر هئيت جو احساس منجهس ڦٽندڙ نظماڻي احساس مان بيدار ٿيندو آهي ۽ اهو احساس شاعر جي تجربن ۽ لفاظي وارن پنهين جهانن تي حاوي ٿي وڃي ٿو. هڪ شاعر پنهنجي زندگيءَ مان حاصل ٿيندڙ تجربن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ ترتيب ڏئي ٿو. منظم ڪري ٿو ۽ ان جو مطلب اهو آهي تہ انهن تجربن ۽ موزون ترتيب جي وچ ۾ داخلي ۽ نفسياتي ربط ۽ ڳانڍاپو جوڙجي.

سنڌي شاعريءَ جي هڪ اهم دؤر..... شيخ اياز جي دؤر کان پوءِ اڀرندڙ ٿِيَن مان **سعيد ميمڻ** جي ٿمي انتهائي اهميت جوڳي آهي، ان ٿميءَ دؤران نظم ۽ غزل جي وچ ۾ رسا ڪشي تيز رهي آهي. هڪ طرف حسن درس، حسن مجتبيٰ، مظهر لغاري، بخشڻ مهراڻوي ۽ ٻيا ڪوڙ سارا شاعر نظم ۽ خاص ڪري جديد نظم جي اوسر ۾ مصروف رهيا تہ ٻئي طرف ڪجهہ شاعر سنڌي شاعريءَ ۾ غزل جون پاڙو پختيون ڪرڻ ۾ رُڌل رهيا، انهن شاعرن منجهان سعيد ميمڻ جو نالو انتهائي اهم آهي جنهن کي هن وقت تائين غزل جو بهترين شاعر هئڻ جو اعزاز حاصل رهيو آهي. سعيد ميمڻ اهو شاعر آهي جنهن وٽ شاعريءَ جي هر صنف ۾ فڪر جي اسلوب، رنگ، آهنگ، هئيت ۽ ٽيڪنيڪ جي اعتبار کان پنهنجا رنگ نظر ايندا. سعيد جتي غزل ۾ پنهنجو پاڻ ملهائيندي، پنهنجي هڪ الڳ تلڳ سڃاڻپ قائم ڪئي، اتي شاعريءَ جي ٻين صنفن ۾ خاص ڪري پنجڪڙا، وايون، بيت، طويل غزل، نظم ۽ طويل نظم جهڙين صنفن ۾ نہ صرف لکيو ڀرپور لکيو ۽ اهڙو لکيو جو سخن شناس زمانو سندس ساراهہ جا ڍڪ ڀرڻ کانسواءِ رهي نہ ٿو سگهي ۽ اها ڳالهہ چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿو محسوس ڪجي تہ سعيد جي شاعريءَ جي هر صنف هر دؤر جي نقادن لاءِ هڪ چئلينج ضرور رهندي آئي آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ شيخ اياز کان پوءِ سنڌي شاعري اندر هر صنف ۾ تبديلي ايندي رهي آهي پر اها تبديلي

ايتري تہ هوريان هوريان ٿينديون رهي آهي جو ان جو ڪڏهن احساس بہ ناهي جنميو پر جڏهن موجوده دؤر جي شاعريءَ کي ان دؤر جي شاعريءَ سان ڀيٽ ڪبي تہ اها تبديلي نمايان نظر ايندي. تمام گهڻا شاعر آهن جن ان تبديليءَ کي سمجهيو آهي، محسوس ڪيو آهي ۽ پنهنجو پاڻ کي ان تبديلي جي ڌارا ۾ ڇڏي ڏنو آهي جنهن جي ڪري اهو بدلاءُ سندن تخليقن اندر پڻ جا بجا محسوس ڪري سگهجي ٿو. سعيد ميمڻ پڻ انهن شاعرن منجهان هڪ آهي جن ان تبديلي جو جام سپ سپ ڪري پيتو آهي ۽ ان جا خمار هن پنهنجي شاعريءَ جي هر صنف ۾ اوتيا آهن اهوئي ڪارڻ آهي جو سندس شاعريءَ اندر اهوئي نينهن وارو نشو ملي ٿو جنهن جي گهرج اڄ جا ڪلال ڪڙو ۽ قاتل چوندا ٻُولا ڪندا رهندا آهن ۽ سعيد ميمڻ وڏي فخر سان انهن ڪلالن کي خاطري ڏياري ٿو ۽ چوي ٿو تہ:

**هـــيءَ جـا ول انـگور جي، پـوکي آهـي مون،**

**ان مان مڌ چِڪائبي، مون کان پو بہ صديـــون.** (سعيد ميمڻ)

سعيد ميمڻ جي شاعريءَ ۾ زندگي ۽ وجود جي لاحاصل ۽ بي معنويت جون گَهريون پيڙائون ۽ ذات جي انڪشاف وارن ماڳن تائين رسڻ جا اهي اشارا ملن ٿا، جيڪي اڄ سڄي دنيا جي جديد شاعريءَ جو محور آهن. سعيد زندگيءَ جي انهن پيڙائن کي احساسن جي ڪينواس تي اتارڻ جي ڪوشش بہ ڪئي آهي تہ فڪر جي گهرائين ۾ لهي بہ ڏنو آهي سندس انهيءَ فڪري ۽ فني ارتقاءَ جا مثال سندس اهي ڪتاب آهن جيڪي هن وقت سنڌي ادب ۽ سنڌي شاعريءَ اندر اهم حيثيت رکن ٿا. هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ "نيڻ سفر ۾، ڪاري بر ۾ چنڊ، خواب چارا، اسان جو عشق اٽڪورو ۽ دل دنبورو" هن وقت سنڌي شاعريءَ جي ميدان ۾ نيون وکون کڻندڙ دوستن لاءِ سنگ ميل آهن، جن جو مطالعو ڪرڻ سان شاعريءَ جي ڪوڙ سارين صنفن کي سمجهڻ ۽ انهن تي لکڻ جو ڏانءُ ماڻي سگهن ٿا. سندس پهريون ڪتاب "نيڻ سفر ۾" جيتوڻيڪ سنڌي شاعريءَ ۾ انتهائي اهم جاءِ والاري آهي جنهن ۾ سعيد ميمڻ جو غزل نکرجي آڏو آيو پر سندس ڪتاب "ڪاري بر ۾ چنڊ" ان حوالي سان بہ جوڳي اهميت وارو آهي جو ان ۾ سندس پنجڪڙا سندس فني ۽ فڪري پختگيءَ سان گڏ سندس شاعريءَ جي مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪرڻ واري شوق ۽ مختلف تجربا ڪرڻ واري ذوق جي عڪاسي ڪن ٿا. سعيد پنجڪڙن جي حوالي سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بہ تجربو ڪيو جو هن پنجڪڙن جي صنف کي چند مان آجو ڪري عروض جو ويس ڍڪايو ۽ سندس اهو تجربو منهنجي خيال ۾ انتهائي لاڀائتو ثابت ٿيو آهي. چند ودیا جا استاد سعيد جي ان فن کي ورنڪ چند سڏين ٿا جنهن ۾ ڪلن جو استعمال ٿيندو آهي. ان سان گڏ سندس طويل آزاد نظم پڻ سنڌي شاعريءَ اندر تجربن جي نواڻ جا نوان دڳ ڏسي ويو آهي، جنهن ۾ هن نظم اندر بيت، غزل ۽ نظم جو گڏيل رچاءُ رچي حيران ڪندڙ تجربا ڪيا آهن، جن ۾ هو تمام گھڻو سوڀارو ٿيو آهي.

هن وقت جيتوڻيڪ سعيد ميمڻ جي شاعري تي رومانوي رنگ تمام گھرو نظر اچي ٿو پر سندس شروعاتي شاعري جي جيڪڏهن ورق گرداني ڪبي تہ هن وٽ موضوعن جي تمام گھڻي ويرائٽي ملي ٿي، جنهن ۾ هن ڪوڙ سارا نوان استعارا ايجاد ڪري سنڌي شاعريءَ کي نيارا تحفا ڏنا آهن، اهڙا استعارا جن کي سعيد ميمڻ کان پوءِ بہ ڪوڙ سارن شاعرن پنهنجي ڪوتائن ۾ ڪتب آندو آهي ۽ خوشيءَ سان پنهنجو ڪيو آهي. مثال سندس هڪ استعارو "سانورو جوڳي" تمام گھڻو مشهور ٿيو جو سندس دوست ڪيس اڄ بہ سانورو جوڳي ڪوٺين ٿا.

سعيد جيڪو پنهنجو پاڻ کي طالب تصور ڪندو رهيو آهي هن جي سکڻ جي طلب ڪڏهن بہ ماٺي نہ ٿي آهي ۽ هن وقت کان سکي ورتو ۽ پوءِ رومانويت ۽ پين خارجي ڪيفيتن کي بہ عقل ۽ شعور جي پيماني سان ماپڻ شروع ڪيو جنهن جي ڪري مٿس تنقيد پڻ ٿيندي رهي تہ سعيد پنهنجي شاعريءَ جو دڳ بدلايو آهي پر منهنجي نظر ۾ اها سعيد جي عقل، شعور، سوچ، شين کي پرکڻ، سمجھڻ ۽ سندس شاعريءَ جي ارتقاءُ هئي جيڪا هاڻي ان معراج تي پهچي آهي جتي سمورين شين کي عقل ۽ شعور سان پرکي پروڙي پوءِ پيش ڪرڻ ئي بهتر هجي ٿو ۽ سعيد ميمڻ ائين ئي ڪري رهيو آهي. هن نہ صرف پنهنجي شاعريءَ اندر نوان موضوع، نيون تشبيهون، نوان استعارا آڻڻ سان گڏ ٻوليءَ کي بہ سگھارو ڪيو آهي پر هن شاعريءَ جي مختلف صنفن ۾ تجربا پڻ ڪيا آهن جيڪي تجربا سندس ڳوڙهي مطالعي، شاعريءَ جي تاريخ تي سندس نظر ۽ موجوده دؤر جي شاعريءَ جي موضوعن جي گھرج کي سمجھڻ جو نتيجو آهن. هن نہ صرف مختلف صنفن تي طبع آزمائي ڪري پنهنجي اندر موجود هڪ منفرد ۽ پلوڙ فنڪار کي پنهنجي فن جا جوهر ڏيکارڻ جو ڀرپور موقعو ڏنو آهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر هن فڪر جي انتهائي اهم ۽ سگهاري پاسي کي بہ ڪمزور ٿيڻ ناهي ڏنو. هن وٽ جيتري فن تي ڪمال جي اپيروچ آهي اوتروئي سندس فڪر سگهارو آهي. نوان تجربا ڪرڻ يا مختلف صنفن ۾ طبع آزمائي ڪرڻ سبب سندس فن تہ نکريو ئي نکريو آهي پر سندس فڪر جا پوپٽ بہ ان ئي ساڳي ڪومل احساس سان پڙهندڙن جي تصورن جي ڳلن تي اچي ويهن ٿا ۽ پڙهندڙن کي اهو احساس مختلف رنگن جي مِينهَن- رنگيءَ ۾ وڪوڙي ٿو ڇڏي. وائيءَ جي وراٽين ۾ نواڻ ۽ جدت آڻي مسلسل وائي بدران غير مسلسل وايون لکي سعيد ميمڻ هڪ انوکو تجربو ڪيو آهي ان سان گڏ بيتن ۾ پولي ۽ قافين ۾ جدت آڻڻ، خط نما نظم لکڻ جهڙا تجربا پڻ سعيد ميمڻ جي نانءَ آهن، نہ صرف ايترو پر سنڌي شاعري اندر ٻين سينيئر توڙي نوجوان شاعرن پاران شاعريءَ جي مختلف صنفن ۾ ڪيل تجربن کي پڻ سعيد ماڻُ ڏنو آهي ۽ پاڻ بہ انهن تجربن تي لکيو آهي جن ۾ سندس طويل غزل لکڻ وارو تجربو ذڪر جوڳو آهي.

سعيد ميمڻ سنڌ جو اهو سخنور آهي جنهن پنهنجي زندگيءَ جو هڪ بہ فارغ پل ضايع ناهي ڪيو. هن کي جڏهن بہ فرصت جون گهڙيون ميسر ٿيون آهن هن لکيو آهي ۽ ڀرپور لکيو آهي. سنڌو درياهہ جي ڀر ۾ ڳوٺ هجڻ سبب ۽ سندس ڳوٺ باغن جي گهيري ۾ هجڻ ڪري سندس شاعريءَ ۾ قدرتي منظر ۽ قدرتي حسن جو هجڻ لازم ۽ ملزوم ٿيو پوي ٿو، عشق سعيد جي ميراث آهي جنهن سعيد کي شاعريءَ جا اڪا پنڌ ڪرائڻ ۾ وڏو ساٿ ڏنو آهي. اهو عشق سعيد کي شاعريءَ سان بہ آهي ۽ هو شاعريءَ سان پنهنجي عشق جو اظهار مختلف روپن ۾ ڪري ٿو ڪڏهن نظم جي روپ ۾ ڪڏهن وائيءَ جي ويس ۾، ڪڏهن غزل جي روپ ۾ ڪڏهن پنجڪڙن ۽ بيتن جي روپ ۾ تہ ڪڏهن وري دوهي جي روپ ۾...

ها اوهان جي هٿن ۾ موجود ڪتاب "آنءُ لهر سمونڊ جي" سعيد ميمڻ جو شاعريءَ سان دوهي جي روپ ۾ عشق جو نتيجو آهي. دوهي سان هن اوتري ئي محبت ڪئي آهي جيتري شاعريءَ جي ٻين صنفن کي هن پنهنجي جيءَ ۾ جاءِ ڏني آهي، اهو ئي سبب آهي جو سعيد ميمڻ جي دوهن جو هي پهريون ڪتاب "آنءُ لهر سمونڊ جي" سنڌي ٻولي اندر دوهن تي آداريل شاعريءَ جو پهريون مجموعو آهي، ها ان کان اڳ سنڌي شاعريءَ ۾ دوها تہ تمام گهڻا لکيا ويا آهن پر دوهن جو هي پهريون مجموعو آهي جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي ۽ ان جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪريڊٽ بہ سعيد ميمڻ ڏانهن ئي وڃي ٿو جنهن جي من ۾ هميشہ شاعريءَ جي مختلف صنفن تي لکڻ ۽ ڀرپور لکڻ جي خواهش ۽ جنون ڪانئس اهڙو ڪم ڪرائي وٺندو آهي...

سعيد جي دوهن تي لکڻ ان ڪري بہ مون لاءِ هڪ قسم جي گهري خوشيءَ جو ڪارڻ آهي تہ سنڌي شاعريءَ اندر هڪ تاريخ جڙڻ پئي وڃي ۽ مان بہ ان تاريخ جو حصو بڻجي رهيو آهيان، هن ڪتاب جو مهاڳ لکڻ جي صورت ۾. سعيد ميمڻ جي دوهي تي ۽ سنڌي دوهي تي لکڻ کان اڳ هتي ضروري ٿو سمجهان تہ دوهي، خاص ڪري هندي دوهي ۽ پوءِ اردو دوهي بابت اوهان سان چند ڳالهيون ڪجن... ٿوري ماضيءَ ۾ جهات وجهجي ۽ ڏسجي تہ دوهي پنهنجون وکون ڪٿان کنيون آهن، ڪهڙا سنگ ميل طئي ڪيا اٿس ۽ اسان تائين يا سعيد ميمڻ تائين پهچڻ لاءِ دوهي جي صنف ڪهڙيون ڪهڙيون لاهيون چاڙهيون ڏٺيون آهن ۽ ڪهڙن دؤرن مان گذريو آهي.

شاعريءَ جي قديم صنفن منجهان "دوهي" جي صنف هڪ ڊگهي مسافت طئي ڪئي آهي، دوهي بابت ملندڙ سموري تاريخ ۾ حوالا اهو ٻڌائن ٿا تہ دوهو نج پڃ هندي صنف آهي ۽ هندستان ئي ان جي جنم ڀومي آهي. دوهي بابت عام ويچار هي آهن تہ:

*"دوهي جون ٻہ مصرع هونديون آهن جيڪي غزل جي مطلع وانگر هم قافيہ هجن ٿيون، غزل جي هر شعر وانگر هر دوهو بہ ٻن مصرعن تي آڌاريل مڪمل نظم جي حيثيت رکي ٿو، پر ڪجهہ دوهن کي پاڻ ۾ ملائي غزل وانگر ئي نئين صنف نہ ٿي جوڙي سگهجي."*

هندي شاعريءَ جي ان اهم صنف کي هنديءَ ۾ "شلوڪ" پڻ ڪوٺيو ويندو آهي، اردوءَ جو ليکڪ محمد آصف خان پنهنجي ڪتاب **"آکيا بابا فريد نی"** ۾ لکي ٿو تہ:

> *"هندي شاعريءَ ۾ دوهي کي ''شلوڪ'' ڪوٺيو ويندو آهي شلوڪ هندي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معني آهي "شاهن جو ڪلام" شلوڪ فارسيءَ جي شعر وانگر عام طور تي ٻن هم قافيہ مصرعن تي آڌاريل هوندو آهي جنهن کي هندي (سنسڪرت يا اپ ڀرنش) ۾ دوهو ڪوٺيو ويندو آهي سرائڪيءَ ۾ دوهي کي دوهڙا چيو ويندو آهي."*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماضيءَ ۾ ڀڳت شاعرن ۽ مسلمان صوفي شاعرن مقصد ۽ مضمون جي فرق سان دوهو تمام گهڻو لکيو. ان سلسلي ۾ ڀڳت ڪبير، سورداس ۽ تلسي داس جي دوهن سان گڏ امير خسرو دهلوي، عبدالقدوس گنگوهي، احمد عبدالحق، سيد محمد جنون پوري، شاهه برهان الدين جانم، شاهه امين الدين اعليٰ، شرف الدين يحيٰ منيري ۽ محمد چستي وغيره جا چيل دوها انتهائي اهميت جوڳا آهن اهڙيءَ طرح هندي دوهي مان اردو دوهي بہ جنم ورتو ۽ هوريان هوريان دوهو مختلف مرحلا طئي ڪندو نوان نانوَ ۽ نوان پهراڻ پهريندو اردو دوهي جي موجوده شڪل تائين اچي پڳو آهي. دوهي کي اردوءَ ڏانهن وٺي اچڻ ۾ خاص ڪردار امير خسرو ۽ مسعود سلمان لاهوريءَ جو رهيو جن نہ صرف اردو دوهي کي عام ڪيو پر ان تي تمام گهڻو ڪم پڻ ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ اردو دوهو اردوءَ جي شاعريءَ جي ٻين صنفن جي وچ ۾ پنهنجي جاءِ ناهڻ جي قابل بڻيو.. جن شاعرن شروعات ۾ اردو دوهو لکيو انهن ۾ فريدالدين گنج شڪر ۽ شيخ بهاءِالدين جا نالا تمام اهم آهن انهن کان پوءِ اردو شاعرن جي هڪ ڊگهي فهرست آهي جن دوهو لکيو ۽ ان کي عام ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي، انهن ۾ خاص ڪري وڏو ڪردار نظير اڪبر آباديءَ جو آهي. امير خسرو جيتوڻيڪ عروض جو شاعر هو ۽ سندس دوهي تي بہ عروضي مثنويءَ جو اثر نمايان نظر ايندو پر هن دوهي جي جيڪا روايت قائم ڪئي آهي ان اردو شاعريءَ تي تمام گهرا اثر ڇڏيا، ورهاڱي کان پوءِ دوهي اردو ادب ۾ هڪ خاص جڳهہ والاري ورتي ۽ اها صنف شاعرن ۾ ڏاڍي مشهور ٿي جديد دؤر ۾ دوهي جي صنف کي عام ڪرڻ ۾ جميل الدين عاليءَ تمام وڏو ڪردار ادا ڪيو جنهن کانپوءِ ٻين شاعرن پڻ دوهي جي صنف طرف رخ رکيو ۽ دوهو لکيو، انهن ۾ خاص طور تي تاج سعيد، پرتو روهيلہ، عرش صديقي، عبدالعزيز خالد، سيد قدرت نقوي، بشير منذر، جميل عظيم آبادي، ساغر صديقي، وحيد قريشي ۽ڪشور ناهيد سان گڏ ٻيا بہ ڪيترائي شاعر آهن جيڪي اڄ بہ دوهو لکي رهيا آهن. مٿي ذڪر ڪيل شاعرن هن صنف کي جيئدان ڏيڻ لاءِ وڏا جتن ڪيا ۽ ويهين صديءَ ۾ دوهي جي گهتجندڙ اهميت کي وڌائڻ لاءِ تمام گهڻو جاکوڙيو آهي. اهڙيءَ ريت انهن شاعرن دوهي کي پنهنجو ڪري ان کي عام ڪري ايندڙ نسلن لاءِ پڻ دوهي کي جيئرو رکيو. دوهي جي عورت شاعرائن تي جيڪڏهن نظر ڦيرائجي تہ مون کي جيتري ڄاڻ آهي يا جن نالن کان مان واقف آهيان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن ۾ سجو پائي ۽ ميران پائي جا نالا هميشہ آڏو اچي بيهن ٿا ان کان علاوه اردو دوهي جي حوالي سان ڪشور ناهيد جو نانءُ پڻ ڏاڍو سگهارو آهي جنهن پنهنجي دوهن ۾ عورت ۽ مرداڻي سماج جي ڏاڍي سهڻي نموني عڪاسي ڪئي آهي ان کان علاوه رومانس سندس دوهن جو محور آهي:

**پريم کيا اور ساتھ نہ چھوٹا، کيسے تھے وہ لوگ،**
**ہم نے تو پياروں کا اب تک، ديکھا نہ سنجوگ. (ڪشور ناهيد)**

منهنجي خيال ۾ ان ڳالهہ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو جيڪڏهن ائين چئجي تہ اردو شاعريءَ جي شروعات هندي ڇندن سان ٿي آهي ۽ خاص ڪري دوهن کي جيڪڏهن اردو شاعريءَ جي شروعات چئجي تہ بہ غلط نہ ٿيندو.

**گوری سو وے سيج پر، مُکھ پہ ڈارے کھيس،**
**چل خسرو گھر آپنے، سانج بھئی چونديس،**
(11/13) = 24 ماترائون (امير خسرو)

**جيدھر ديکھوں ھے سکھی، ديکھوں اور نہ کوئے،**
**ديکھا بوجھ بچار منہ، سبھی آپيں سوئے۔**
11/13=24 ماترائون (شيخ عبدالقدوس گنگوهي)

**رحيمن دھاگا پريم کا، مت توڑو چٹکائے،**
**ٹوٹے سے پھرنا ملے، ملے گانٹھ پڑجائے۔**
11/13 (عبدالرحيم خان خانان)

**من چاھے محبوب کو، تن چاھے سک چين،**
**دوئے رات کی سيدہ ميں، کيسے پنے حسين۔**
11/13 (شاه حسين)

**جعفر اب کيا کيجيئے، جوبن چلا ھے روس،**
**پھر نہ جو بنا لاکھوں ديجيئے گھوس۔**
11/13 (مير جعفر زٽلي)

**اس کا مکھ اک جوت ھے، گھنگھٹ ھے سنسار،**
**گھنگھٹ ميں وہ چھپ گيا، مکھ پر آنچل ڈار۔**
11/13 (بلها شاه)

**مانجھ دھار ميں آن کر، اے حق کے محبوب،**
**کشتی تيری يک بيک، گئی لھر ميں ڈوب۔**

(مرزا سودا)

سنڌي شاعرن پڻ دوهي کي هيئنين سان هنڊايو آهي. قاضي قاضن، شاهہ ڪريم بلڙي وارو، شاهہ، سچل، سامي ۽ ان کان بہ اڳ ۾ سنڌي شاعريءَ تي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوهي جو اثر موجوده رهيو آهي. لطيف دوها بہ لکيا آهن ۽ دوهي جي ئي هڪ قسم سورٺي تي پڻ طبع آزمائي ڪئي آهي. سورٺي تي اڳتي هلي تفصيل سان ڳالهائبو هتي صرف ان جو ذڪر ڪندا اڳتي وڌون ٿا ۽ ڏسون ٿا تہ سنڌي شاعريءَ جي جهان ۾ دوهي ڪيتري جاءِ والاري آهي.

ان ڳالهہ ۾ ڪو شڪ ناهي تہ سنڌي دوهو تمام پراڻو آهي پر سنڌي ادب جي تاريخ جي ورق گرداني ڪرڻ سان دوهي جا پيرا نہ ٿا ملن ان ڪري اڪثر جنهن سنڌي پهرئين دوهي جا مثال ڏنا ويندا آهن اهو آهي شيخ حماد جو دوهو:

**جـوٽـو مـت اوٽـو، آءُ تـماچـي آءُ**

**سباجهي باجهہ پيئي، توسِين نتو راءُ.** (شيخ حماد)

شيخ حماد 1378ع ۾ وفات ڪئي پر منهنجي خيال ۾ شيخ حماد سنڌي دوهي جو پهريون شاعر نہ هيو، ان بابت وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي جيڪا ضرور ٿيڻ گهرجي ڇو تہ دودي چنيسر جي قصہ گوئي ۾ ياڳو يان ۽ ٻين شاعرن جا دوها پڻ موجود آهن. ان کان علاوه 950ع کان 1050ع جي وچ ڌاري لاکي ڦلاڻي جي دؤر جي هڪ چارڻ (شاعر) سمنگ چارڻ جا دوها بہ موجود آهن جن کي پڻ تحقيق لاءِ اڳيان رکي سگهجي ٿو:

**ڦـلاڻي لاکـي وٽ، مـــون وڏو ڪـيـو وات،**

**گهيٽن پٽيون ٻَڌي، سو ڏيندو کهڙي ڏات.** (سمنگ چارڻ)

بحرحال شيخ حماد کان پوءِ سنڌي دوهي جي حوالي سان جيڪي نالا آڏو اچن ٿا، انهن ۾ قاضي قاضن، شاهہ ڪريم، ميون شاهہ عنايت، شاهہ لطيف، سچل سرمست ۽ سامي اهي اهڙا نالا آهن جن سڌي ۽ اڻ سڌيءَ طرح دوهي سان وابستگي ڏيکاري آهي. ڪجهہ شاعرن سڌا دوها لکيا آهن تہ ڪجهہ شاعرن بيت، سورٺا، دوهيڙا ۽ ٻين دوهي سان ملندڙ يا ان مان جنم وٺندڙ يا ان جي اثر هيٺ رهندڙ صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. جيئن شاهہ لطيف جا گهڻا بيت دوهي پد ۾ لکيل ملندا.

سنڌي دوهي جي حوالي سان شيخ اياز جو نالو تمام گهڻو اهم آهي جنهن نہ صرف دوهي جي صنف کي پنهنجو ڪري لکيو پر ان ۾ خيال آرائي جا نوان رنگ ڀريا، ٻولي جو خوبصورت استعمال ڪيو ۽ دوهي اندر تجنيس حرفي جو استعمال ڪري دوهي کي منفرد بنايو ۽ پاڻ ملهايو آهي. شيخ اياز دوهي جي ٻن اهم ڇندن "هري پد دوهو 16+11 ماترائون" ۽ "عام دوهو 13+11 ماترائون"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي گهڻو لکيو آهي جن جا مثال اڳتي هلي اوهان آڏو پيش ڪبا هتي ذڪر جديد سنڌي شاعريءَ جي ڪجھ بين شاعرن جو ڪجي جن سنڌيءَ ۾ دوهي کي مان ڏنو آهي ۽ ان تي لکيو آهي. انهن شاعرن ۾ نارائڻ شيام، تنوير عباسي، استاد بخاري، مير محمد پيرزادو، امداد حسيني ، راشد مورائي، عبدالحڪيم ارشد، سرمد چانڊيو، واجد، ادل سومرو، ، تاج جويو، تاجل بيوس، اياز گل، وسيم سومرو، نصير مرزا، آسي زميني، سردار شاھ، سعيد سومرو، روبينہ ابڙو، علي آڪاش، بخشل باغي، رفيق سيال، فياض چنڊ ڪليري، حفيظ باغي ۽ مون سميت پيا بہ ڪيترائي نوجوان شاعر آهن جن دوهي جي صنف تي نہ صرف لکيو آهي پر پاڻ ملهايو آهي .

سعيد ميمڻ پنهنجي هن ڪتاب وسيلي نہ صرف سنڌي دوهو لکندڙ شاعرن جي لسٽ ۾ شامل ٿي ويو آهي پر هن هرڻ وارو چال هنيو آهي ۽ سنڌي ادب جي تاريخ جو پهريون مڪمل دوهن جو ڪتاب ڏيئي نئين تهيءَ لاءِ اتساھ جو سبب بڻيو آهي.

هتي مان مٿي ذڪر ڪيل ڪجھ شاعرن جي دوهن جا مثال ضرور ڏيڻ چاهيندس جيڪي مونکي هٿ اچي سگهيا آهن:

هي ڪَنَ گڏ هٿا ڪنز قدوري قافيہ، ڪي ڪين پڙهيوم،
سو پارئي ڪو بيو، جتان پرين لڌوم. (قاضي قاضن)

وڪٽي، ڪَنَ ڪي بيا ڳنيج،
سندي پريان ڳالڙي، تنين سين سُٽيج. (شاھ ڪريم)

سوئي راھ رد ڪري، سوئي رهنماءُ،
وَتُعِزُ مَن تشاءُ، وَتُذِلُ مَن تشاءُ. (شاھ لطيف)

وڳندُ وري آئيو، وسنِ ڪين وڌوسِ،
گَندي، ماني، ماڳ موچارو، پاسي پير ٿيوس. (شاھ لطيف)

بعضي پايان پتلي، پا آهيان گڏيءَ ڏور،
يا گوءِ آهيان هٿ يار جي، يا ونگيءَ ونگر زور. (سچل سرمست)

شيخ اياز پنهنجي ڪتاب "پونر پري آڪاس" ۾ پنهنجي دوهي بابت پنهنجن ويچارن ۾ جڻ تہ سنڌ جي جديد دوهي جي نمائيندگي ڪندي ان کي هندي ۽ اردو جي دوهي جي اثر کان بچيل هئڻ جا دليل ڏنا آهن ۽ چيو آهي تہ:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"منهنجي دوهي جو موضوع ڪلاسڪي دوهي کان زياده وسيع آهي، ڪو به دوهو ڪنهن به هندي يا اردو دوهي جي تقليد نه آهي، جيتوڻيڪ مون انهن جي مخصوص مزاج برقرار رکڻ ۾ هندي آميز زبان سان انهن جي مخصوص ڪيفيت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي."

**جڳ جي پوئين پهر ۾، مان جگنوءَ جي جاڳ،**
**جرڪيا منهنجي راڳ ۾ ماڻهوئڙن جا ماڳ.**

11/13 (شيخ اياز)

شيخ اياز کان پوءِ نارائڻ شيام جو نالو سنڌي دوهي جي حوالي سان ڏاڍو اهم آهي.

**رات ائين ها سيج تي، وِترڙيل تنهنجا وار،**
**جڻ شاعر جي ذهن تي ربط بنا اشعار.** (نارائڻ شيام)

سنڌي دوهي جي حوالي سان هڪ اهم ۽ سگهارو نالو مير محمد پيرزادي جو به آهي جنهن نه صرف دوهي جي مختلف ڇندن جا تجربا ڪيا آهن پر سندس ٻولي ۽ لهجو پڻ منفرد آهي ۽ ان حوالي سان به ڪيس فراموش نه ٿو ڪري سگهجي، هن ڪيترن ئي ڇندن تي دوها لکيا آهن جن مان ڪجھ دوها ۽ انهن جا ڇند هت ڏيڻ ضرور سمجهان ٿو:

**سر ۾ سر به سمايل آهي، سر ۾ ناھ سنگيت،**
**ڪنهن جي جيت به هار ٿئي ٿي، ڪنهن جي هار به جيت.**
(11+16)

**تنهنجو هر هڪ سڏ ڪو ساجن، ساھ منجهان سر ٻڌجي نڪتو،**
**منهنجي لئه آ لڙڪ لهوءَ جو، ماڻهن جي لئه آهي دوهو.**
(16+16)

**پنهنجي دل جي دنيا سائين، پاڻ کان ڪيڏو دور هئي،**
**پنهنجي ڪوتا ٻيج ٻنيءَ جو، جڻ ته نشي ۾ چُور هئي.**
(14+16)

**پنهنجي هستي ڪجھ به نه آهي، آهي سڀ ڪجھ تو ئي ساڻ،**
**واس به تنهنجو، وڻُ به تنهنجو، تنهنجو آهي مون ۾ پاڻ.**
(15+16)

جڏهن ڳالھ دوهي جي ٿي هلي ۽ خاص ڪري ڇند جو ذڪر هلندو هجي ته پوءِ سنڌي شاعريءَ جو ڇند جي حوالي سان هڪ اهم نالو نه ٿو وساري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهجي. سرمد چانڊيو جتي گيت ۾ پاڻ مجرائي چڪو آهي اتي دوها به سندس فني ۽ فڪري اوچائين جا مظهر آهن:

**لوڙائو ۽ لولي آهي، جتن جي جهونگار،**

**ڪوئي وينو ٻيلڻ ٻولي، رات پني ٻيهار.** (سرمد چانڊيو) (11+16)

سنڌ جي نوجوان ٽهيءَ به دوهي سان ڀرپور انداز ۾ نڀايو آهي، خيال توڙي ڇند جي حوالي سان اسان جي سينيئر شاعرن جيڪي دوهي ۾ تجربا ڪيا آهن يا ڇند جي حوالي سان اردوءَ وارن جيڪي دوهي ۾ تجربا ڪيا آهن انهن مان سنڌ جي نوجوان شاعر تمام گهڻو فائدو ماڻيو آهي پر گهڻي قدر جيڪي دوها سرجيا ويا آهن اهي عام دوهي يعني 11/13 ماترائن واري ڇند تي يا هري پد دوهي يعني 11/16 ماترائن واري ڇند تي آڌاريل آهن ان جو وڏو ڪارڻ هتي ڀڳت ڪبير جو اثر عام هجڻ آهي ان ڪان علاوه جيئن مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان تہ شيخ اياز به هري پد دوهي کي تمام گهڻي هٿي ڏني آهي ۽ پنهنجو ڪري عام ڪيو اٿائين، ان جو ٻيو وڏو ڪارڻ شايد اهو به آهي تہ دوهي جي ٻين ڇندن جي ڀيٽ ۾ هري پد دوهي جي ڇند ۾ تمام گهڻي رواني آهي ۽ موسيقيت پڻ ٻين جي ڀيٽ ۾ سرس اٿس انڪري اڪثر نوجوان توڙي سينيئر شاعرن هري پد دوهو لکڻ کي ترجيح ڏني آهي اسان جي يار سعيد ميمڻ به جيتوڻيڪ گهڻي ڪان گهڻا دوها دوهي جي عام ڇند يعني 11/13 تي لکيا آهن پر ان ڪان پوءِ هن گهڻي ڀاڱي هري پد دوهي ڇند جي ئي چونڊ ڪئي آهي ۽ ان سان ڪمال جو نڀاءُ ڪيو اٿس:

**حيـرتَ مان هَر وقت نَهَرَ ۾، ڇا ڇا جاچن ٻَــيـد،**

**لهرن منجهہ اَچن ٿا لُڙهندا، ڪهڙا ڪهڙا ڀَــيـد؟**

(سعيد ميمڻ) (11+16)

سعيد ميمڻ سان گڏ سندس ٽهيءَ ۽ ان ڪان پوءِ واري ٽهيءَ جي شاعرن جي دوهن جا ڪجهہ مثال ڏئي اهو سمجهڻ جي ڪوشش ڪجي تہ سنڌي شاعرن وٽ شيخ اياز ڪان پوءِ دوهي کي سمجهڻ ۽ لکڻ جي حوالي سان ڪيتري پختگي آهي ۽ هنن دوهي سان ڪيئن ۽ ڪيترو نڀايو آهي:

**جاڳي سورج جاڳائيندو،گهر گهر هو سنگيت،**

**اڄ جو نند مان جاڳيو ناهي، ڪنهن به پکيءَ جو گيت.**

(وسيم سومرو) (11+16)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمري جي ڳڙڪي مان ايندڙ هلڪو تدڙو واءُ،
من ۾ جاڳائي پيو ڪوئي اڻ ڄاتو سوداءُ.

(سعيد سومرو) (16+11)

ڳيريلي جي ڳلين مان اڄ، مون وٽ پهتي سار،
اڄ پي مون ۾ ساھ ڪٽن ٿا، آڳاٽا آثار.

(روبينہ ابڙو) (16+11)

گهر جي ڪنڊ ۾ رک تون مون کي، پيلي وانگي پاڻي،
او ڪنيارڻ آڻُ دعائون، دل سان ڏيندوساڻي.

(علي آڪاش) (16+11)

چانڊوڪيءَ ۾ جهوپا جرڪن، چانديءَ تي چانڊاڻ،
ڪيت خزانو آهن سارا، سون سچو مهراڻ.

(بخشل باغي) (16+11)

تون جو ناهين مون وٽ آهي يادن جو سنسار،
اڄ بہ حياتي ياد ڪندي آ منهنجو تنهنجو پيار.

(حفيظ باغي) (16+11)

مون ۾ ننڍ نٿي سمهي، ڪيسين جاڳي جيءُ،
چوري چنيءَ آس جي نہ ڪا ماءُ نہ پيءُ.

(رفيق سيال) (13+11)

دوهي جي صنف جيترو ڇند تي آذاري تي اوتروئي منهنجي نظر ۾ دوهي جو قافيو تمام گهڻي اهميت رکي ٿو ڇو تہ قافيو ئي آهي جيڪو دوهي جي حسناڪيءَ ۾ واڌارو ڪري ٿو ۽ دوهي جي ٻن سٽن کي ردم ارپي ٿو، قافيو دوهي جي هر سٽ جوڪلائيميڪس آهي جنهن کان سواءِ دوهو نامڪمل آهي، جي وري قافيو ڪمزور بہ آهي تڏهن بہ دوهي جي حسناڪيءَ تي وڏو اثر پوي ٿو.

سعيد ميمڻ جي دوهن تي ڳالهائڻ کان اڳ اچو تہ دوهي جي چند قسمن ۽ دوهي جي فن توڙي مختلف ٽيڪنيڪس کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيون جنهن جي روشنيءَ ۾ اسان سعيد ميمڻ جي دوهن کي سولائيءَ سان پرکي پروڙي، جاچي ۽ سمجهي سگهون ٿا. ان سان گڏ سعيد جي فڪري اڏار سان گڏ سندس فني پختگي يا تورين ٽڪين فني اٽائين کي پڻ سمجهي سگهنداسين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## دوهي جو ڇند

دوهو ڇند تي لکي ويندڙ شاعريءَ جي انتهائي اهم ۽ مقبول صنف آهي، دوهو فني حوالي سان پنهنجي نالي جي معنيٰ مطابق ٻن سٽن جو هجي ٿو. هر سٽ ۾ ٻه پد هوندا آهن يعني ٻن سٽن ۾ چار پد هوندا آهن جن کي هنديءَ ۾ "ارڌسم چرن" ڪوٺيو ويندو آهي دوهي جون ٻئي سٽون هم قافيا هونديون آهن وقت جي ڦير ڦار سان قديم ۽ جديد دوهو پنهنجن ڪيترين ئي بناوتن سان اڄ ٻه هندي، اردو توڙي سنڌي شاعريءَ اندر موجود آهي ۽ اڄ ٻه لکجي پيو.

قديم دوهي ۾ عام طور تي 48 ماترائون هجن ٿيون ٻن سٽن ۾ ٻه ٻه پد ڏنل هوندا آهن ۽ هر سٽ کي "دل" ڪوٺيو ويندو آهي. پهرئين ۽ ٽئين پد کي "وشم چرن" ڪوٺيو ويندو آهي ۽ اهي 13،13 ماترائن جا هوندا آهن. ٻئين ۽ چوٿين پد کي "سَم چرن" ڪوٺيو ويندو آهي ۽ اهي 11، 11 ماترائن جا هوندا آهن.

قديم دوهي جي اصول مطابق پهرئين ۽ ٽئين پد ۾ يعني دوهي جي ٻنهي سٽن جي شروع ۾ ڪڏهن ٻه جَڳَڻ (فعول) نه اچڻ گهرجي جڏهن ته ٻئين ۽ چوٿين مصرعي جي آخر ۾ يعني ٻنهي سٽن جي پڇاڙي لگهو ماترا يعني (فاءِ) سان ٿيڻ ضروري آهي اڄو ته دوهي جي ماترائن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪيون:

1. دوهي جي پهرين ۽ ٽئين پد ۾ 13،13 ماترائن جي ترتيب ڪجهه هيئن هئڻ گهرجي:

ترڪل (3) + ترڪل(3) + دوڪل(2) + ترڪل(3) + دوڪل(2)

3 + 3 + 2 + 3 + 2 ،13 ماترائون

جنهن دوهي جي شروع ۾ فَعَلُ يا فاءِ يا فَعِلَ اچي ٿو ان کي وشم ڪَل تمڪ دوهو چيو ويندو آهي ان ۾ ترڪل (3 ماترائون) کانپوءِ ترڪل (3ماترائون) پوءِ دوڪل (2 ماترائون) ايندڀون آهن ان کان پوءِ ايندڙ ترڪل لگهو گرو (فعل) نه اچڻ گهرجي مثال:

پاڻ+3/هاڻ+3/سپ+2/وڃون+3/ٿا+2،

اها ترتيب غلط ٿيندي هن ۾ دوڪل کان پوءِ ترڪل "وڃون" فعل جي وزن تي آهي، جڏهن ته اهو وزن ڪجهه هن ريت هئڻ گهرجي:

پاڻ+3/وڃون+3/سپ+2/هاڻ+3/ٿا+2.

هن ۾ دوڪل کان پوءِ ترڪل "هاڻ" فعل جي وزن تي ناهي بلڪ فاءِ تي آڌاريل آهي جيڪو دوهي جي پڙهڻيءَ ۾ قدرتي ردم پيدا ڪري ٿو ۽ پڙهڻ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روانيءَ جو ڪارڻ بڻجي ٿو. هاڻ اچو تہ انهن پنهي مصرعن کي هڪ ٻئي انداز ۾ لکڻ جي مشق ڪيون:

چوڪل + چوڪل + ترڪل + دوڪل

4 + 4 + 3 + 2= 13 ماترائون.

جنهن دوهي جي شروع ۾ فعلن (لگهو لگهو گرو) اچي ان کي سم ڪلاتمڪ دوهو چيو ويندو آهي ان ۾ بہ ترڪل فعل جي صورت ۾ نہ پر فاع جي صورت رکڻ گهرجي مثال:

چم چم +4، سان گڏ +4، نچي +3، ڪو +2= لکڻ غلط آهي چو تہ ان مصرعي ۾ ترڪل فعل جي وزن تي آهي.

چم چم +4، سان گڏ +4، ڳاءِ +3، اڄ +2= هن طرح سان لکڻ درست رهندو جو هن مصرع م ترڪل "ڳاءِ" فعل جي وزن تي نہ پر فاع جي وزن تي آهي جنهن سان پڻ پڙهڻ ۾ ردم ۾ رواني پيدا ٿئي ٿي. چو تہ صرف هڪ ماترا جي ئي گهٽ وڌائي سان دوهي جو ردم، رچاءَ ۾ موسيقيت بگڙجي سگهي ٿي. اسان وٽ عام طور تي انهن ننڍڙين ڳالهين تي ڌيان ناهي ڌريو ويندو پر دوهي جي فن مطابق انهن ننڍڙين ڳالهين جو ڌيان رکڻ انتهائي ضروري آهي جي نہ تہ دوهي جو اهو اصل رس چس نہ ٿو ماڻي سگهي.

**چوليوُن ڇُلڪن شَوقَ جون، لهروُن لهرون هانءَ،**

**ڪاتي تنهنجي عشق جو، سمنڊ لِڪايان آنءَ؟** (سعيد ميمڻ)

سعيد ميمڻ جي مٿئين دوهي ۾ اوهان ڏسو تہ پهرئين ۽ ٽئين پد ۾ ماترائن جي ترتيب اها ئي رکيل آهي جنهن جي وضاحت مٿي ڪيل آهي.

چوليون (4) ڇلڪن (4) شوق (3) جون (2) = 13

ڪاتي (4) تنهنجي (4) عشق (3) جو (2) = 13

2- دوهي جي ٻين ۽ چوٿين پد ۾ ماترائن جي ترتيب ڪجهہ هن ريت رکڻ گهرجي:

مثال نمبر 1:- چوڪل + چوڪل + ترڪل (4 + 4 + 3 = 11 ماترائون) پر ان لاءِ اهو ضروري آهي تہ پدن جي پڇاڙيءَ ۾ ڏنل ترڪل (3 ماترائون) گرو لگهو يعني فاع جي وزن تي هئڻ گهرجن:

تو کي +4/ڏيندس +4/چاڻ +3.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن پد ۾ استعمال ٿيل ترڪل "چاڻ" فاءِ جي وزن تي آڌاريل آهي جنهن تي جڏهن دوهي جي پڇاڙي ٿئي ٿي تہ ان ۾ هڪ خود ساختہ ردم اڀري اچي ٿو ۽ دوهي جو چڙهه ڪلائيميڪس ٿو پاسي.

مثال نمبر 2:- ترڪل + ترڪل + دوڪل + ترڪل = 3 + 3 + 2 + 3= 11 ماترائون. هن ۾ بہ پڇاڙيءَ وارو ترڪل فاءِ جي وزن تي هئڻ ضروري آهي.

ٻڌو +3، ٻڌو +3، هي +2، ساز +3= هن مصرع ۾ ترڪل "سازُ" فاءِ واري وزن تي ٻڌل آهي.

گهڙي گهڙي جو گيت= 3 + 3 + 2 + 3= 11 ماترائون هن ۾ بہ "گيت" وارو ترڪل فاءِ وزن جهڙوئي رکيل آهي جيڪڏهن سعيد ميمڻ جي دوهن جي مدد وٺون تہ نتيجو ڪجهہ هن ريت نڪرندو:

**عرصو جاتي عمر جو، گهاري آيُس آنءُ،**
**وَهندو سِنڌو مون سِوا، گُم نَہ ٿيندو گانءُ.** (سعيد ميمڻ)

گهاري (4) آيس (4) آنءُ (3)
گم نہ (4) ٿيندو (4) گانءُ (3)

دوهي جي ٻئين ۽ چوٿين ٻنهين پدن ۾ مٿي ڏنل پهرئين مثال مطابق ماترائن جي ترتيب رکي وئي آهي، ۽ اوهان ڏٺو تہ ٻنهي پدن جي آخر ۾ استعمال ڪيل ٻئي ترڪل جيڪي دوهي جا قافيا بہ آهن اهي "فاءِ" جي وزن مطابق استعمال ٿيل آهن جنهن سان دوهي جو اصل روح ۽ ردم چڱيءَ طرح پسي سگهجي ٿو. ان کان علاوه دوهي جي ٻئين ۽ چوٿين پد جي آخر ۾ جگن (فعول) تگن (مفعول) پڻ رکي سگهجي ٿو پر ان ڳالهہ جو خاص خيال رکڻو آهي تہ دوهي جي هر سٽ جي پڇاڙي لگهو ماترا تي ئي ٿيڻ گهرجي جيڪا دوهي جي اولين فني گهرج آهي اها بہ پڪ ڪري ڇڏڻ گهرجي تہ دوهي جي اصل سونهن ۽ ردم جو دارومدار ماترائن جي درست استعمال ڪرڻ تي آهي پر ڪڏهن ڪڏهن ماترائن جي گهربل ترتيب رکڻ جي باوجود اهو ردم ناهي جڙي سگهندو جنهن جو سبب ڪان وڏو ڪارڻ تخليقي عمل ۾ ڪا کوٽ سمجهڻ گهرجي. دوهي جي پهرئين ۽ ٽئين پد جي شروع ۾ جگن (فعول) نہ اچڻ گهرجي پر جيڪڏهن اتفاق سان ائين ٿئي تہ پوءِ اهڙي قسم جي دوهي کي "چنداٽي" دوهو سمجهڻ گهرجي جنهن ۾ مٿي ذڪر ڪيل ۽ رائج پين دوهن جي ڀيٽ ۾ ردم اهو نہ ٿو رهي جيڪو دوهي جي سونهن آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دوهو هنديءَ ۾ هڪ قديمي ڇند آهي جنهن جا مثال پنجين ۽ ڇهين عيسوي صديءَ جي پراڪرت شاعريءَ ۾ بہ ملن ٿا پر پرنش ۾ دوهي جو باقائدي استعمال نائين عيسوي صديءَ جي شروع کان ملي ٿو، انهن دوهن ۾ ماترائن جي ترتيب اها ئي آهي جن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي يعني 11/13 ماترائون. جڏهن هندي دوهي جي تاريخي پسمنظر تي نظر ڊوڙائبي ۽ ڏيان ڏربو تہ ماترڪ ترتيب جي حوالي سان دوهي جا ڪيترائي قسم آهن پر انهن ۾ خاص ڪري 23 دوهي جا قسم اهڙا آهن جن جو استعمال ڪثرت سان ملي ٿو. جن جا نالا ڪجھہ هن ريت آهن:

1- ڀرمر، 2- سُڀرامر، 3- شرڀ، 4- شين، 5- منڊوڪ، 6- مَرڪٽ، 7- ڪرڀ، 8- نر، 9-هنس، 10- گينديا مدڪل، 11- پيوڌر، 12- چل، 13- بانَر، 14- ترڪل، 15- ڪڇپ، 16- مڇ يا متسيہ، 17- شاردول، 18- اهي ور، 19- بيال يا وياگهر، 20- بڊال يا ورال، 21- شوان يا شُنڪ، 22- اُوَر يا اُنرور، 23- سَرپ.

ماترائن جي استعمال جي حوالي سان مٿي ذڪر ڪيل دوهن جي قسمن منجهان اڃو تہ ڪجھہ دوهن کي پٽي يعني گرو ماترا ۽ هيڪوٽي يعني لگهو ماترا واري ورهاست جي آئيني ۾ ڏسون ۽ انهن جا چند ڪيڏي ۽ مثال ڏئي سمجھڻ جي ڪوشش ڪيون:

1_ **ڀرمر** = گرو ماترائون 22 + لگهو ماترائون 4 = ڪل 48 ماترائون.

**راڻو ئي سمجهي ويو، مومل تنهنجي مام**

11=122222/13=2122222=

**تنهنجي چوپڙ چال کي، آيا ڪيڏڻ جام**

=2122222=13/2222=11 (علي زاهد)

2_ **سيرام** = گرو ماترائون 21 + لگهو ماترائون 6 = ڪُل 48 ماترائون.

هن دوهي ۾ پهرئين ۽ ٽئين پد ۾ ماترائن جي ساڳي ترتيب رکي وڃي ٿي جڏهن تہ ٻئين ۽ چوٿين پد ۾ ماترائون آهن تہ هڪ جيتريون پر ترتيب بدليل آهي:

**راڻو آيو ڪاڪ ۾، منظر سڀ حيران،**

11/13-122222/2122222-

**طلسم مومل جو ٽُٽو، ماڳ بہ ٿيو آسان،**

11/13-1222112/2122222 (علي زاهد)

3_ **شَرَڀ** = گرو ماترائون 20 + لگهو ماترائون 8 = ڪل 48 ماترائون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**ڪير ٿر مٿان جھوپڙا، / منظر ۾ آ موھ،**

11 = 122222/13 = 21221212

**ڏٺو مون ڪٿي پي نہ آ، سھڻو اھڙو روھ،**

21221221 = 13/122222 = 11 (علي زاھد)

**4 ـ شين** = گرو ماترائون 19 + لگھو ماترائون 10 = ڪل 48 ماترائون.

**دل جو ڪٽڻي تو اڱڻ، اتريو آھي يار**

= 2122222 = 13/1222211 = 11

**ھي صاحب جَھرُو پونءِ جو، سي ٿي تو آثار**

= 22211212 = 13/122222 = 11 (علي زاھد)

ھتي اھا ڳالھ بہ سمجھڻ جوڳي آھي تہ 11/13 واري ڇند ۾ دوھي جي پھرين ۽ ٽين پدن مان جيڪڏھن ھڪ ھڪ ماترا ڪيري ڇڏجي تہ ان کي "دوھرو" ڪوٺيو ويندو آھي جيڪو پڻ دوھي ڇند جو ھڪ قسم آھي، اھو ھڪ ماترا جو فرق دوھي ۽ دوھري کي الڳ ڪري ٿو بيھاري مثال طور ڪبير جو ھي دوھرو ڏجي ٿو:

**ھوں برہ کی لاکڑی، سمجھ دھوں دھاؤں**
**چھٹ پڑوں یا برہ تیں، جے ساری ھی جل جاؤں**

11/12 = 23 ماترائون

اھڙيءَ طرح 11/13 واري عام دوھي جي پھرين ۽ ٽين پدن ۾ بہ بہ ماترائون وڌائي ڇڏجن تہ پوءِ اھو "دوھِي" ڇند بڻجي وڃي ٿو مثال لاءِ وري بہ ڪبير جي دوھي جو سھارو ٿا وٺون:

**کبیر مدہ انگ جے کوؤ رھے، تو ترت نہ لاگے بار،**
**دہ دہ انگ سوں لاگ کر، ڈوبت ھے سنسار۔**

15 /11 = 26 ماترائون

ھاڻي اچو تہ عام دوھي کانپوءِ دوھي جي معروف ڇند "ھري پد دوھي" تي، عام دوھي جي پھرين ۽ ٽين پدن ۾ ٽي ٽي ماترائون وڌائڻ سان ھري پد دوھي جو ڇند ٺھي ٿو. ھي دوھو سواءِ ان ٿورڙي فرق جي ساڳيوئي عام دوھي وانگر ھجي ٿو ۽ ھن تي بہ ڇند جا اھي سمورا قائدا قانون لاڳو ٿين ٿا. ٽن ماترائن جي وڌائڻ سان پھرين ۽ ٽين پد 16، 16 ماترائن جا بڻجي وڃن ٿا. جڏھن تہ ٻئين ۽ چوٿين پد ۾ ساڳيون ئي 11،11 ماترائون ھونديون ۽ پوين ٻنھين پدن جي پڇاڙيءَ ۾ ماترائن جي بيھڪ ساڳي ئي عام دوھي واري رکڻ ضروري آھي يعني

Jeay Sindh



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"فا ع" گرو لگو ماترائون. مثال طور سعيد ميمڻ جو هي دوهو اوهان جي اڳيان رکان ٿو.

**اي دل آنءُ اياڻو اهڙو، مونکي سڌ ئي ناهه،**
**حد ۽ لامحدود جي وچ ۾، هڪڙو پردو آهه.**

16 + 11 = 27 ماترائون

هري پد دوهي جي هر سٽ 16 + 11 ماترائن سان گڏ 27 ماترائن جي ٿئي ٿي اهڙيءَ طرح سمورو دوهو 54 ماترائن تي آڌاريل هوندو آهي مثال طور ڪبير جو هي دوهو ڏسو:

**امبر برسے دهرتی بهیجے، یه جانے سب کوئی،**
**دهرتی برسے امبر بهیجے، بو جهے بر لا کوئی۔**

16 + 11 = 27 ماترائون

سنڌي جي ڪيترن ئي شاعرن هن ڇند تي دوها لکيا آهن جن ۾ سعيد ميمڻ سان گڏ شيخ اياز ۽ ٻين ڪيترن ئي شاعرن پڻ طبع آزمائي ڪئي آهي هتي مان شيخ اياز جو دوهو ڏيڻ ضروري سمجهان ٿو:

**اڏري اڏري ٿڪجي پوندين، ڪنهن سان تنهنجو پيار،**
**چنڊ نہ ڪنهن جو يار پکيئڙا، چنڊ نہ ڪنهنجو يار.**

16 + 11 = 27 ماترائون

دوهي جي هن ڇند ۾ تمام گهڻو ردم آهي، پڙهڻ سان دلفريب موسيقيت محسوس ٿئي ٿي ۽ هڪ عجيب قسم جو رچاءُ پڻ سمائيل آهي هن ڇند ۾، شايد اهو ئي ڪارڻ آهي جو شيخ اياز کي بہ هي ڇند تمام گهڻو پسند هيو ۽ ان جي رواني اياز کي ايترو تہ موهيو آهي جو سندس ڪتاب "پونرپري آڪاس" ۾ ڏنل هڪ سئو يارنهن دوهن منجهان صرف 12 دوها 11/13 واري ڇند ۾ آهن ۽ 2 دوها 11/16 واري ڇند تي جڏهن تہ باقي سمورا 97 دوها 11/16 واري ڇند تي آڌاريل آهن يعني هري پد دوها آهن.

**صبح سويري نيسر هيٺان نينگر چوڙيا وار،**
**اجلي اجلي تن تان مهٽيا، گدلا گدلا پيار.**

16 + 11 (شيخ اياز)

سعيد ميمڻ پڻ ان ڇند جو استعمال تمام گهڻو ڪيو آهي ۽ سندس ڪتاب ۾ موجود ڪيترائي دوها 16+11 واري ڇند تي آڌاريل هري پد دوها آهن جن کي هن انتهائي سهڻي نموني نڀايو آهي نہ صرف ڇند جو ڀرپور طريقي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان نباهہ نظر ايندو پر انهن دوهن ۾ ٻوليءَ ۽ خيال پڻ انتهائي خوبصورت جوڙيا ويا آهن. مثال طور ڏسو سعيد جو هري پد دوهو.

**من تہ رُسِي پَئي پرکڻ چاهيو، ساجن تنهنجو چاهہ،**
**ريزا ريزا ٿِي وِيو منهنجو، آئـــينو ويساهہ.**

شاعريءَ جي جهان ۾ دوهي جي خاندان ۾ هري پد دوهي سان گڏ هڪ ٻيو خاص دوهي جو قسم بہ آهي جنهن کي "لِلت پد دوهو" ڪوٺيو ويندو آهي. هي دوهو 16+12 واري ڇند تي لکيو ويندو آهي ۽ هن دوهي جي هر مصرع 28 ماترائن جي ۽ سڄو دوهو 56 ماترائن جو هجي ٿو. ماترائن جي انهيءَ فرق کان علاوه هي دوهو بہ دوهي جي ٻين قسمن وانگر ساڳين قانونن ۽ ضابطن ۾ رهي لکيو ويندو آهي هن ۾ بہ اهڙو ئي خوبصورت رچاءُ ۽ ردم آهي جهڙو هري پد دوهي ۾ هجي ٿو. دوهي جي هن ڇند جو قافيو گرو ماترا تي پورو ٿئي ٿو. اردو شاعريءَ ۾ جميل الدين عاليءَ جديد اردو شاعريءَ ۾ للت پد دوهو تمام گهڻو لکيو آهي ۽ اردوادب ۾ دوهي جون پاڙون پختيون ڪرڻ لاءِ هن دوهي جو سهارو ورتو آهي:

**دريادرياگهومےمانجهی،پيٹ کی آگ بجهانے،**
**پيٹ کی آگ ميں جلنے والا کس کس کو پہنچانے۔**

16+12= 28 (جميل الدين عالي)

سنڌيءَ ۾ پڻ للت پد دوهي ڇند تي اسان جي سينيئر شاعرن طبع آزمائي ڪئي آهي جن مان مير محمد پيرزادي جو هڪ للت پد دوهو مثال طور ڏجي ٿو:

**چنبڙ ننڊاکي نچٽي آهي، گهنگهرو آهن تارا،**
**نـچي نچي ۽ ڏئي هليا ويا، سپنا پيارا پيارا.**

(مير محمد پيرزادو)

للت پد دوهي جو ٻيون ۽ چوٿون، پئي پد 12،12 ماترائن جا هئڻ ڪري پنهين سٽن جي پڇاڙي گرو ماترا تي ٿئي ٿي ۽ اڪثر ائين ئي لکيو ويو آهي پر منهنجي خيال ۾ للت پد دوهي جي سِٽن جي پڇاڙي يا قافيا لگهو ماترا تي ٿي سگهي ٿي. جو تہ اسان مٿي اها ڳالهہ سمجهي آيا آهيون تہ دوهي جي پڇاڙي لگهو ماترا سان ئي خوبصورت بڻجي ٿي:

**ذات ڪبيرا! ڪنڍي ناهي، مون وٽ آهي اٿاهہ،**
**خيال بہ منهنجا سنگتي ساٿي، فن سان منهنجو نباهہ.**

(16+12) (علي زاهد)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙو دوهو جنهن جي پنهين سٽن ۾ الڳ الڳ ڇند استعمال ڪيا وڃن يعني هڪ سٽ 13+11 = 24 ماترائن جي هجي ۽ ٻئي سٽ 16+11 =27 ماترائن تي آڌاريل هجي تہ اهڙي دوهي کي بي جوڙ يا غير مساوي دوهو چيو ويجي ٿو. هن دوهي ڇند ۾ قافيي ۽ پدن جي حوالي سان عام دوهي واريون گهرجون تہ پوريون ٿين ٿيون پر سٽون ماترائن جي حوالي سان گهٽ وڌ هجن ٿيون. هندي توڙي اردو شاعريءَ ۾ اهڙي قسم جي دوهي جا مثال موجود آهن پر ان دوهي ۾ اهو ردم، موسيقيت ۽ رچاءُ نہ ٿو رهي جيڪو عام دوهي يا هري پد، دوهي پد ۽ للت پد دوهي اندر موجود آهي پر ان جي باوجود هندي ۽ اردو جي تمام وڏن شاعرن دوهي جي ان ڇند تي طبع آزمائي ڪئي آهي مثال طور ڏسو ڪبير جو هي بي جوڙ دوهو:

**سو سکتی دس کونڑ جو جوئے، پچھم دسا اٹھ دھور،**
**جل میں سینگھ جو گھر کریے، مچھلی چڑھے کھجور۔**

13+11 = 24 ماترائون

دوهي جي ڇند جو تفصيلي ذڪر ڪرڻ جو مقصد صرف ايترو آهي تہ جيئن اسان سعيد ميمڻ جي دوهن کي بہ ان ڳوڙهي نظر سان پڙهون، پرکيون ۽ سمجهون تہ سعيد ڇند جو استعمال ڪيئن ڪيو آهي، دوهي جي اصل هئيت ڇا آهي، سعيد ان سان ڪيئن ۽ ڪتي نڀايو آهي، ۽ اهو بہ مقصد پڻ آهي تہ ان بحث ۽ سعيد جي دوهن جي مدد سان نون لکندڙ دوستن کي ڪي دڳ ملي وڃن ٿا تہ ان سان منهنجو ۽ سعيد ميمڻ پنهين جو اهو پنڌ سڦل ٿيندو جيڪو خيال ۾ رکي اسان هي پورهيو ڪيو آهي.

دوهي سان لاڳاپيل هڪ اهم ڇند "سورٺي"جو ذڪر نہ ڪبو تہ هي بحث اڌورو رهجي ويندو ۽ اسان دوهي جي ان حصي بابت هڪ اهم ۽ ڪارائتي ڄاڻ کان اڻڄاڻ رهجي ويندا سين.

سورٺو اصل ۾ دوهي جي پدن جي ترتيب کي اڳتي پوئتي ڪرڻ سان ٺهي ٿو، يا ائين ڪٿي چئجي 11/11 ماترائن وارا پويان پئي پد اڳيان رکيا آهن جن ۾ قافيا پڻ هجن ٿا جڏهن تہ 13/13 ماترائن وارا اڳيان پئي پد پويان رکيا جنهن سبب قافيا پنهي سٽن جي وچ ۾ اچي وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح سورٺو ٺهي پوي ٿو. دوهي وانگر گرو ۽ لگهو ماترائن جي استعمال جي حوالي سان سورٺي جا بہ 32 قسم ٿين ٿا. سنڌيءَ ۾ سورٺي جا وڏي ۾ وڏا مثال لطيف سرڪار جي شاعريءَ ۾ چڱيءَ پر ماٺي سگهجن ٿا. لطيف انتهائي خوبصورت انداز ۾ سورٺي ڇند ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکيو آهي ۽ ڇا تہ پرپوريت، موسيقيت ۽ خيال آرائي ڪيل آهي، لطيف جا سورنا سنڌي ادب جا ماستر پيس ڪوئنجن تہ ڪو وڌاءُ ناهي، اڇو تہ لطيف جي شاعريءَ مان سورٺي جي ڪجھ مثالن مان مزو ماڻيون ۽ انهن جي روشنيءَ ۾ سورٺي جي فني گھرجن کي سمجھڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا:

**پاڙي ويج هئام، تان مون مُور نہ پُڇيا،**

**تيلاهين پِيام، موريسر اکين ۾. (شاھ لطيف)**

لطيف سرڪار جي سورٺي کي الٽو ڪيون ۽ دوهي جو لطف ماڻيون:

**تان مون مُور نہ پُڇيا، پاڙي ويج هئام،**

**موريسر اکين ۾، تيلاهين پِيام.**

ائين ئي سعيد ميمڻ جي دوهي کي الٽو ڪري سورٺو ٿا ناهيون:

**تنهنجي صورت سانوري، اکيون هرڻيين جِيئن،**

**ٻيڙيءَ- پاڇل تي نچي، موھِ نہ دريا ايئن. (دوهو)**

**اکيون هرڻيين جِيئن، تنهنجي صورت سانوري،**

**موھِ نہ دريا ايئن، ٻيڙيءَ- پاڇل تي نچي. (سورٺو)**

## سعيد ميمڻ جو فن ۽ فڪر:

هونءَ تہ سعيد ميمڻ سنڌي ادب کي ڪيترن ئي ڪتابن جي روپ ۾ پنهنجو خوبصورت پورهيو ارپيو آهي. پر سعيد جو هي ڪتاب سنڌي ادب ۾ هڪ نئون آواز آهي. جيڪو هڪ نئين اوير کي اپاري رهيو آهي. سعيد جي ٻوليءَ جو آهنگ، ان جو ردم، سعيد جي احساس جون لڙيون، سندس تخيل جي پاتارن ۾ پيل معنائن جا انيڪ ۽ املھ موتي ۽ نوان رنگ ڍنگ سندس هڪ نئين شعور ۽ شاعراڻي سگھ جا ڏس ڏئي رهيو آهي. سعيد جو هي ڪتاب اهڙن ڪتابن منجهان آهي جنهن ۾ هڪ نئين شعور جي شروعات جون ڀِريون ٻوندون وسيون هجن ان ڪري هن ڪتاب جي ڇپائي سينيئر ٿهي، منهنجي ٿهي ۽ مونکان پوءِ ايرندڙ ٿهيءَ لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي هڪ اهم وک آهي. سعيد ميمڻ جو هي ڪتاب ۽ هن ڪتاب ۾ شامل دوها سندس سگھارين تخليقي ڪاوشن جو نتيجو آهن ۽ انهن دوهن ۾ هن فڪر ۽ احساس جا نوان جهان ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سعيد ميمڻ شاعريءَ ۾ نوان تجربا ڪرڻ ۽ نوان دڳ دريافت ڪرڻ جو حامي رهيو آهي، هن ماضيءَ ۾ اهڙا ڪوڙ تجربا ڪيا بہ آهن ۽ اجان سوڌو ڪري پيو. پر منهنجي نظر ۾ ڪنهن بہ اديب يا شاعر کي اهڙا تجربا ڪري اهڙي ڪا بہ اميد نہ رکڻ گهرجي تہ هو صرف ان ڪري ادب ۾ ڪا حيثيت ماڻي وٺندو جو هن ڪا نئين صنف جوڙي ورتي آهي يا هن اهڙيون شاعريءَ جون صنفون ڳولي انهن تي لکيو آهي جيڪي نا پيد ٿي چڪيون آهن يا جن تي اڄ جي دور ۾ لکيو نہ ٿو وڃي. اهڙيءَ طرح ماضيءَ جي تجربن جي روشنيءَ ۾ سعيد دوهن جو ڪتاب سنڌي ادب کي ارپڻ جو پڻ تجربو ڪيو آهي. سندس ان محبت ۽ محنت کي ڪيتري موٽ ملي ٿي ان ڳالھ جو فيصلو تہ وقت ڪندو، اهميت صرف ان ڳالھ کي ڏجي تہ سعيد دوهي جهڙي بظاهر سولي پر انتهائي مشڪل صنف تي لکڻ جي چونڊ ڪري نہ صرف پنهنجو پاڻ کي چئلينج ڪيو آهي پر سنڌي ادب ۽ سنڌي شاعريءَ ۾ پڻ دوهي جي حوالي سان هڪ جمود کي ٽوڙيو پڻ آهي. هن وات هموار ڪئي آهي پنهنجي هم اثر ٿهيءَ، موجوده ٿهيءَ ۽ نئين ٿهيءَ جي شاعرن لاءِ تہ اهي بہ دوهي جي صنف تي طبع آزمائي ڪن پر ان سان گڏ گڏ اهو پڻ چتاءُ ڏنو آهي تہ:

**سولائيءَ سان ڪين لکيو آ، دوهن سندو بياض،**

**سـورن جو هر سُر سچا تم، راتيون ڪيم رياض.** (سعيد ميمڻ)

واقعي دوهو لکڻ لاءِ سورن جي سُرن کي پهرين سمجهڻو پوندو، پوءِ انهن سُرن کي آلاپڻو پوندو ۽ تڏهن وڃي اهي آلاپ دوهي جو روپ ڌاري سگهن ٿا. تڏهن وڃي اندر مان رڙ ڪري دوهو نروار ٿيندو تڏهن وڃي اهو اثر ۽ سحر جنمي سگهجي ٿو جهڙو اثر ڪبير جي دوهي پڙهڻ شرط اسان جي روح ۽ وجود تي طاري ٿي ويندو آهي.

**تال سو کھ کے پتھر بھیو، ھنس کھیں نہ جائے**

**پچھلی پریت کے کارنے، کنکر چن چن کھائے۔** (ڪبير)

۽ تڏهن وڃي سعيد جي هن دوهي جهڙو سحر پيدا ڪري سگهجي ٿو:

**چت ۾ هوءَ ڳولي پئي، آڪيري جي جاءِ،**

**لکڻ سعيد چڏي پيو، جهرڪيءَ ڏي واجهاءِ.**

(سعيد ميمڻ).

سعيد ميمڻ جي من ۾ موجود هئيت واري احساس ڪيس پنهنجن زندگيءَ ۾ حاصل ٿيندڙ تجربن مان داخلي آهنگ دريافت ڪرڻ تي مجبور ڪيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

داخلي ڪيفيتون شاعريءَ جي حوالي کان انتهائي بنيادي ڳالهہ آهي، قافيا، رديف يا بحر وزن انهن ڪيفيتن جي اظهار ۾ساٿاري تہ ٿي سگهن ٿا پر انهن ڪيفيتن کي جديد شاعريءَ جهڙوڪ آزاد ۽ نثري نظمن اندر بہ سهڻي نموني اظهاري سگهجي ٿو. جيتوڻيڪ سعيد ميمڻ کي اهو ڏانءُ بہ خوب اچي ٿو پر هن تڏهن بہ شاعريءَ جي ڪلاسيڪل صنفن کي بہ پنهنجي هينئين سان هنڊايو آهي ۽ پنهنجي داخلي ڪيفيتن کي بہ وڏي پابنديءَ سان ۽ وڏي مهارت سان شاعريءَ جي ڪلاسيڪل ۽ پابند صنفن اندر بہ اظهاريو آهي. سندس دوها ۽ انهن اندر موجود سندس داخلي ڪيفيتون توڙي خارجي لقاءَ ۽ منظر پڙهندڙ کي پنهنجي اندر موجود هورا ڪورا ۽ پيچ ڏاهہ توڙي خواهشن جي ڦٽڻ واري عملن جا احساس ڀاسن ٿا، جڏهن سعيد لکي ٿو تہ:

**اندر ڪوري ڪينرو، ساجن تو ڪان پوءِ،**

**تار رڻاري روح ڪي، رون رون ڪري روءِ.** (سعيد ميمڻ)

تڏهن من جي تنبوري جي ڪندڙ تار جاڳي پوي ٿي سعيد جو دوهو ڇڻ تہ مضراب بڻجي پوي ٿو ۽ ان تار تي اهڙو تہ ڇهاءَ ڪري ٿوجو ان جو لرزڻ روئڻ جي رون رون ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿو ۽ پوءِ اندر ۾ سور جي جيڪا سٽ ايري ٿي اها درد جا سمورا پيرا ڪڍي آدم جي درد تائين وڃي پڄي ٿي، جيڪو درد جي شروعات آهي ۽ سعيد ڇڻ تہ وڇوڙي جي جيون ڪٿا بيان ڪري ويهي ٿو ۽ پوءِ جڏهن هو درد جا سمورا ڏک لتاڙي پنهنجن ڪلهن تان وقت جي ڏوڙ ڇنڊي ٿانيڪو ٿئي ٿو تہ ڪيس سندس خوشمزاجي ياد پوي ٿي تڏهن هن کي احساس ٿئي ٿو تہ سماج اندر پيڙائن جا پيمانا لبريز ٿي ويا آهن، هر مُکَ تي "سروم ڏکم ڏکم" جون ريکائون رقص ڪري رهيون آهن تڏهن هو پاڻ سنيالي ٿو ۽ خود ڪلامي ڪري ٿو:

**هيڏي منهنجا هينئڙا، هيڻائي نہ لڪاءِ،**

**ٿوڻو هــڻ تقدير کي، سارو جڳ کلاءِ.** (سعيد ميمڻ)

سعيد پنهنجي حياتيءَ ۾ جيترو ڏکن کي ساٿاري ڪري هليو آهي اوتروئي سندس طبيعت خوشمزاج هئڻ ڪري سندس دوست هميشہ ڪانئس کنهن ٿوڻي جي توقع ڪري کي ٺهڪ ضرور ماڻيندا رهندا آهن ۽ هو مرڪون وکريندڙ جوڳي شاعر جنهن جي رڳ رڳ ۾ شاعري رچيل آهي سندس شاعريءَ جا موضوع سندس اڳيان نئي روز پيا ڦرندا آهن هو روز انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موضوعن سان ڪچهريون ڪندو آهي انهن منظرن سان محبتن جا اظهار ڪندو آهي جيڪي سندس شاعريءَ ۾ ائين لهي ايندا آهن ڄڻ سعيد انهن کي پالي پنهنجو ڪري ورتو هجي ۽ پوءِ منظر استعارا ۽ موضوع بہ تہ سعيد سان دوستي نڀائيندي ملندا آهن ۽ سعيد پنهنجي شاعريءَ ۾ انهن منظرن استعارن ۽ موضوعن سان ڪچهريون ڪندي ملندو انهن سان هجت ڪندي نظر ايندو:

**سورج منهنجي ساهہ ۾ ايڏي گـرمي اوتہ،**

**تبريزيءَ کي تاب جي جيئن تو اربي جوت.** (سعيد ميمڻ)

سعيد جو ڳوڙهو مطالعو، مشاهدو ۽ تاريخ ۾ جهاتي سندس ئي شاعريءَ وانگر سندس دوهن ۾ بہ لياڪا پائي رهي آهي. دوهن ۾ جتي تاريخي حوالا آهن اتي سنڌ جي محبت سنڌ جي ماڳن سان محبت ۽ انهن جي پُرڻ واري احساس سان گڏ سعيد پاڻ بہ جُهرندي ۽ پُرندي ملي ٿو:

**هن جي چوءِ ڏس اجنبي، آهي اڄ عوام،**

**ڪـيـڏو آهہ اپـاٽـڪو، پـڪو قلعو شام.** (سعيد ميمڻ)

يا سعيد جي هن دوهي ۾ ڪيڏي نہ ڳڻتي ۽ ويڻ آهن، حقيقت پسندي آهي:

**کھڙا ڏجن پاڻ کي کُوڙا دلاسا،**

**مـٽيءَ ۾ مـٽجي ويا، قـومي اثاثا.** (سعيد ميمڻ)

ڌرتي ۽ سرتي سعيد جي شاعريءَ جا اهم محرڪ آهن سندس دوها پڻ انهن پنهي موضوعن سان مالا مال آهن جتي هو سرتيءَ کي ساراهي ٿو اتي ڌرتيءَ تي پڻ ڏيان ڌريون اچي، هينئن سان هنداڀون اچي ۽ وڏي واڪي چوندو ٿو رهي تہ:

**پئونري جيئن بهشت ۾، پرندو رهندو ساهہ،**

**سنڌڙي ۽ هوءَ ڪونجڙي، وسرڻ مشڪل آهہ.** (سعيد ميمڻ)

سعيد کي اها پڪ آهي تہ منڪر ۽ نڪير جي حساب ڪتاب کان پوءِ جيڪڏهن کيس بهشت بہ ڏنو ويو تہ اتي بہ سندس ساهہ کي سک نہ هوندو، اتي بہ کيس سرتيءَ ۽ ڌرتيءَ جي سار ستائيندي رهندي، پر ان سان گڏ سعيد پنهنجي ڌرتيءَ تي ٿيندڙ هاڃن جي ۽ سرتيءَ جي بيرخين، ارڏاين ۽ بيوفائين جا ڏنڀ بہ سهي ٿو ۽ هو انهن ورتائن کي پنهنجي حساس دل ۾ ڏکندي محسوس ڪري ٿو:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جت ڪوي آسانورو، سا هتيارن جوءِ،
آهه ڪويتا ۾ سندس، تلسيءَ جي خوشبوءِ. (سعيد ميمڻ)

سعيد کي ان ڳالهه جي به پڪ آهي ته سماج ڀلجان سڄو بارود جي بوءِ ۾ وڪوڙجي ويجي سندس ڳوٺ، ترُ، پر وارا شهر ۾ سڄي سنڌ ڀلجان هٿيارن جي جوءِ بڻجي وڃي پر سندس شاعريءَ ۾ تلسيءَ جي خوشبوءِ واري سگهه آهي جيڪا سڄي ماحول تي حاوي تي سگهي تي سندس اها اميد نه صرف ڌرتيءَ لاءِ آهي پر ان سرتيءَ لاءِ به آهي، ان ڪونجڙيءَ لاءِ به آهي جنهن لاءِ هن کي پڪ آهي ته ڪيس بهشت ۾ به هن ڪان سواءِ سڪون نه ملندو:

ڪرلائي پو شاخ تان ويني سڏ ڪجانءِ،
آنءُ اچانڪ ڪونجڙي! اڏري ويندو سانءِ. (سعيد ميمڻ)

رومانويت سعيد جي شاعريءَ جو ڏاج آهي جيڪو ڪيس سندس طبيعت ۾ وقت جو مليل آهي ۽ سندس ان دؤر ڪان دان ڪيل آهي جنهن جي ماحول ۾ سندس شاعراڻي شعور اکيون کوليون آهن. سندس دوهن ۾ رومانويت سان گڏ سندس ٻولي، منظر نگاري، استعارا، تشبيهون سندس دوهن کي ڪلاسيڪيت ۽ جدت جي وچ ۾ اها پل بڻائي ويون آهن جنهن تي ايندڙ نسل جا پيرا ضرور پوندا ۽ ايندڙ نسل سعيد جي سنگ ميل کي نظر ۾ رکي دوهي جون منزلون طئي ڪندو. دوهن جي اندر استعمال ٿيل استعارا ۽ تشبيهون انتهائي خوبصورت آهن انهن ۾ ندرت به آهي ته تازگي پڻ، سعيد وٽ تشبيهن جو استعمال صرف شاعريءَ جي گهرجن جي ڪري ناهي پر ان ۾ پوشيدا معنائون ۽ مفهوم نواڻ جي جهانن جا سير ڪرائي ٿا وڃن. سندس تشبيهون سندس تجربن جو نچوڙ ڀاسن ٿيون:

چار گهڙيون آ جيون گل جو، پوءِ به ڏئي سرهاڻ،
جا به حياتي آهي جيئڙا! رهُ تون خوشبوءَ ساڻ. (سعيد ميمڻ)

سعيد ميمڻ شاعر طور پنهنجن احساسن ۽ ادراڪ کي ڪڏهن به محدود ٿيڻ ناهي ڏنو خارجي حالتون، ورتائون يا واقعا هجن يا داخلي ڪيفيتون سعيد هميشه انهن کي پنهنجي روح ۾ محسوس ڪيو آهي اهوئي ڪارڻ جو اڄ تائين سعيد جي تخليقي جاڪوڙ ۽ جستجو ۾ ڪمي ناهي آئي سعيد ۽ سندس عشق جو سفر اڄ به ان ئي آب تاب سان هلندڙ آهي جهڙو اڳ هيو، هن وٽ جيتري اهميت شاعري جي آهي اوتروئي عشق وٽس اهم آهي سندس عشاق دل ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طبيعت ڪيس عشق جي نون داستانن جو مرڪزي ڪردار بڻائي ٿي جن مان پيا بہ ڪيترائي داستان ڦٽن ٿا جيڪي اول سعيد جي زندگيءَ جو حصو بڻجن ٿا ۽ پوءِ شاعريءَ جو جز بڻجي هميشہ لاءِ محفوظ ٿي وڃن ٿا:

**آيو پت جي اوٽ مان هڪڙو ننڍڙو پيند،**

**پر هئي ننڍڙي پيند ۾، ڪيڏي وڏي نيند.** (سعيد ميمڻ)

سعيد پنهنجي ڪتاب "دل دنبورو" ۾ اها ڳالهہ واضح ڪري چڪو آهي تہ سندس شاعريءَ ۾ جيڪو فطري حسن آهي اهو هن وليم ورڊس ورٿ مان ماڻيو آهي. مان اڳ بہ ان ڪتاب تي لکيل تبصري ۾ سعيد ميمڻ ۽ ورڊس ورٿ جي شاعريءَ ۾ فطري پهلوئن تي لکي چڪو آهيان، هتي مان سعيد جي دوهن اندر موجود فطرت پسندي ۽ فطري حسنا ڪين جي ذڪر طرف پنهنجو ڌيان مرڪوز ڪرڻ لاءِ سعيد جي انهن پنڌن تي پنڌ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس جن پيچرن تي هلندي، گهمندي ڦرندي سعيد هي دوها لکيا آهن ۽ چيو آهي:

**گهر هجان يا راهہ ۾، ڏينهن هجي يا رات،**

**اڄ ڪلهہ آهي مون مٿان، دوهن جي برسات.** (سعيد ميمڻ)

تہ پوءِ سعيد تي جيڪا دوهن جي برسات ٿي آهي ان مان اتندڙ فطري حسن جي ڦوهار مان چونہ اسان بہ مزا ماڻيون:

**ڪچڻ لڳندو آ جڏهن، جيئڻ تان ارواح،**

**مون کي مستيءَ جو سبق، ڏيندو آ درياهہ.** (سعيد ميمڻ)

واقعي درياهہ سعيد جي زندگي ۾ تمام وڏو اتساهہ آهي سندس ڳوٺ عاقل جي پر ۾ ئي وهندڙ سنڌو درياهہ سعيد جو اهڙو دادلو دوست آهي جيڪو ساڻس مستيون بہ ڪندو آهي، ماٺ تي ڪيس ھڏندو بہ آهي تہ ساڻس گڏجي زندگيءَ جا خوبصورت لقاءَ بہ ڏسندو آهي. سعيد جيڪو روز ڪيترو ئي وقت درياهہ سان گڏ گهاري ٿو، درياهہ کان جيئڻ جو، مستين جو همٿ ۽ حوصلي جو اتساهہ ماڻي ٿو تہ درياهہ سان پنهنجا سور بہ سلي ٿو.

عيد اسان وٽ خوشين جو وڏي ۾ وڏو ڏينهن سمجهو ويندو آهي، دوستن ۽ مٽن مائٽن سان ملڻ ويندا آهيون پر سعيد جنهن جو من پنهنجن ڏکن سان گڏ ماڻهن جي اهنجن ۽ ڪرب سان ٽمٽار آهي، اهو عيد جي ڏينهن بہ پنهنجي دادلي دوست درياهہ وٽ وڃي پهچي ٿو ۽ ساڻس ڳالهيون ڪندي پاڻ کان پڇي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو هڪ اهڙو سوال جنهن جي جواب جي خبر ڀنهي کي آهي، درياهه کي ٻه ته سعيد ميمڻ کي ٻه:

**دريا ڪنڌيءَ عيد تي، ڇو وينو آن سعيد!**

**ڇو ٿو تڪيـن ڇوليون، ڇو ٿئي ٻنل ديد؟** (سعيد ميمڻ)

سعيد جا دوها سندس ڳوٺ ۽ ان جي چؤگرد ڦهليل زيتونن ۽ کجين جي باغن، فصلن، درياهه، نهرن ۽ ڪوڙ سارن منظرن سان مالامال آهن باغن جي بربادي ۽ جو اونو هن وٽ ايترو ئي آهي جيترو الڪو وٽس انسان مان انسانيت جو ناپيد ٿيڻ وارو آهي، هو مذهبي ڪٽر پڻي کان باغي شاعر اهو ٻه چوندي ڪين ٿو ڪيٻائي ته:

**ريـتـو آ جـهان ڇو، خـون خـرابو ديـن،**

**سوال نشاني آدمي، جواب ملن ٿا ڪين.** (سعيد ميمڻ)

سعيد انهن حساس دل شاعرن منجهان آهي جنهن وٽ مسلڪ ۽ مذهب جي ڪٽر پڻي کان بغاوت آهي، انسانيت هن جو ازلي ورثو آهي ۽ ان ورثي جي بربادي هن کان بردا شت نه ٿي ٿئي، ڪيس هر وقت اها ڳڻتي ڳارينندي رهي ٿي ته ماڻهوءَ مان ماڻهپو ڇڏائيندو ٿو وڃي، سڄو جهان بيگناهن جي رت سان ريٽو ٿي رهيو آهي، هي جنگيون هي فساد، هي قبيلائي جهيڙا، هي ڏاڙيل هي دشمنيون هي سڀ انسان جا ڪم ئي ناهن، گهر کان پنهنجي دادلي دوست درياهه ڏانهن ويندي يا ايندي محل ڪنهن چونڪ تي سندس ڏيان ان ڳالهه تي اٽڪي پوي ٿو ۽ پوءِ هو وڏي واڪي چئي ڏئي ٿو ته:

**چنتا سندي چونڪ تي بينو هان حيران،**

**جاڏي ڪاڏي جانور، ڪاڏي ويا انسان.** (سعيد ميمڻ)

## علي زاهد

پهرين سيپٽمبر، 2014

شيخ زيد ڪالوني، لاڙڪاڻو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي پاران

## دوها منهنجي دل جا

هن ڪتاب "آنءُ لهر سمونڊ جي" ۾ شامل دوها مون صرف ٽن مهينن جي عرصي ۾ سرجيا آهن. سنڌي ۾ دوها شيخ اياز، نارائڻ شيام، مير محمد پيرزادي، امداد حسيني، ادل سومرو، علي آڪاش ۽ ٻين شاعرن به لکيا آهن پر هي منهنجو پهريون ڪتاب آهي، جيڪو مڪمل دوهن جو آهي. دوهو ڪلاسيڪل صنف آهي، دوهي جا تمام وڏا شاعر ٿي گذريا آهن، جن جا دوها فن جي بلندين کي ڇهن ٿا، انهن ۾ ڀڳت ڪبير ، تلسي داس ۽ ميران ٻائي جا نالا مٿانوان آهن اردو ۾ ندا فاضليءَ به ڏاڍا پيارا دوها لکيا آهن.

منهنجي دوهن جو معيار ڪئين آهي؟ ان جو فيصلو ته پڙهندڙ ۽ نقاد ڪندا، باقي اهو آهي ته جڏهن دوهن جي آمد هوندي هئي ته منهنجو من عجيب وجداني ڪيفيت ۾ هوندو هو.

دوهي جي خوبصورتي جو راز ان جو مختصر لفظن ۾ جامع ڳالهه چئي وڃڻ آهي. دوهي جي وزنن تي تجربا ڪيا ويا آهن. (اهڙا تجربا مون به ڪيا آهن) پر دوهي جو خوبصورت وزن 11/13 ماترائن وارو آهي.


دوهي جي صنف ۾ سنڌي بيت جيان عجيب حسن آهي. بظاهر ٻه سٽون آهن پر انهن ٻن سٽن ۾ معنائن جو جهانُ سمايل هجي ٿو. مون دوها معياري لکيا آهن يا نه؟ ان جو فيصلو اوهان کي ڪرڻو آهي.

مان ٿورائتو آهيان پنهنجي پياري دوست علي زاهد جو، جنهن دوهن جي مجموعي تي جامع مهاڳ لکيو آهي. ٿورا احمد سولنگيءَ ۽ سعيد سومري جا، جن پنهنجا تاثرات لکيا آهن. مان ڪنول پبليڪيشن ڦنبر جي روح روان سعيد سومري جو ٿورائتو آهيان، جنهن هي ڪتاب شايع ڪرايو.

سعيد ميمڻ
عاقل ـ لاڙڪاڻو
Cell: 0304-9191550



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



# دوها

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لهرَ لهرَ ۾ لُڇ آزلَ جي، مَوجُون چاڙهہ آتاھ،
سمنڊَ جي فطرت منجھہ سمايل، سانت نہ هوندي آهہ.

❊

واڙيءَ ۾ آن آئِيو، ٿُوريون پَتِڻَ لاءِ،
ٿُوريون وسري وِيُوَن آتئي، پِيلا گل واجهاءِ.

❊

حيرتَ مان هَر وقت نَهَرَ ۾، ڇا ٿا جاچن ٻيد،
لهرن منجهہ آچن ٿا لُڙهندا، ڪهڙا ڪهڙا ڀَيد؟

❊

راٺا! چوڏهينءَ رات جو، ڪاڪ ڏي ڪَرهو ڪاهہ،
سينگارَن سان سَيجَ تي، مومل ويٺي آهہ.

❊

تُنهنجي صورت سانوري، اکيون هَرڻين جِيئَن،
پيرَيءَ - پاڇَل تي نَچي، موهِ نَہ دَريا ايئَن.

❊

اُڻ ٿُڻ ڪان اڄ مَنُ آجو آ، ڇڏيو جِيءَ جُنون،
مَس مَس مَنَ کي آيو آهي، سِنجهيءَ هيٺ سُڪون.

❊

مڪتب ۾ اُستاد آزل جي، مون کي هو پاڙهيو،
نِنڊِپڻ ۾ ئي عشق آسان تي، گهرو رنگ چاڙهيو.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آءُ اُماڻا ٻاري ساجن! منهنجو جيءُ جَلاءِ،
منهنجي مَنَ ۾ برف ڏکن جي، ڄميل آهي، هاءِ!

❊

ڌرتيءَ تي ٿي دلڙي چاهي، هر پاسي مهڪار،
سِنڌ هجي سُرَهِي ڦُلواڙي، گهر گهر لڳ گلزار.

❊

تنهنجو درد ٻري ٿو من ۾، چمڪن ٿا سڀ داغ،
عشق جَلايا اُميدن جا، من ۾ سَوَ چراغ.

❊

ڇولـيوُن ڇُلڪن شَوق جون، لهروُن لهرون هانءُ،
ڪاٿي تنهنجي عشق جو، سمنڊ لِڪايان آنءُ؟

❊

نانءُ تہ هُن جو پيو لڪايان، هو ڪٿ ڍَڪجي ٿو؟
هُن جو حسن سمورو منهنجي، فَن ۾ ڏِسجي ٿو.

❊

شهرِ خموشان ڀَرسان گذرو، شَور نہ ڪريو مور،
راهِ عدم جا ٿڪل مسافر، آهن ننڊَ آگهور.

❊

پوءِ لڳندي جنّت جيان، ساري هِيءَ دنيا،
ماڻي دل پاڪيزگي، عورت، عشق، خدا.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هرڪو جيون جر جو ڦوٽو، دنيا آ دريا،
جڻ تہ سوانح عمري سَڀَ جي، جَرَ تي لکيل آ.

❊

من تہ رُسِي پَٽي پر ڪڻ چاهيو، ساجن تنهنجو چاهہُ،
ريزا ريزا ٿي وِيو منهنجو، آئينو ويساهہُ.

❊

تو وَٽ پِياڪن جا جَٿا، جن جا شوق شرابَ،
مون وٽ آهي عشق ۽، منهنجا دوستَ ڪتابِ.

❊

الزامن جا جت لڳا، سعيد! پٿر سَنگين،
رستا سَڀُ ڪري ڇڏيا، رت سان دل رنگين.

❊

آنءُ وچان ٿو هيڪلو، ڦلواڙيءَ مان پنڌ،
چا تہ گلن جي ٿي آچي، صبح ويل سُڳنڌ.

❊

هِيءَ جا وَل انگور جي، پوکي آهي مون،
ان مان مُـڌَ چِڪائِبي، مون ڪان پو بہ صديوُن.

❊

ڀراڙيءَ جي رات سُڳنڌِي، پُورنماسي پل،
هوءَ وَڪوڙي وَئي آسانکي، جڻ هئي جهنگلي ول.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو محسوس ٿـيان اٽپورو، ڪَوٽِ آ دل ۾ ڪوڙ،
هڪڙو پـيرو پور خدايا! مونکي نئـين سر جوڙ.

❊

رَسَين جهڙيوُن رسمون آهن، گهوگهَٽِ جـيئن رواج،
آزاديءَ جو ساهه گهٽي ٿو، اڪثر هيءُ سَماج.

❊

قاتل ڪاري رات نہ گهرجي، جُهونجهڪڙي ڏي جهيڙ،
ڏرتي! پنهنجا ديوانا پُٽ، ڳولي ڳولي ميـڙ.

❊

موت آسان جي پوئتان، چو ٿو ڪَڏَ لڳي؟
پَنهنجو پَنڌُ مُقامَ ڪان، آڇا آهه اڳي.

❊

آءُ اماڙيءَ وانگـيان، اوري ڪر رُخسار،
ڏسُ تہ اُجهامـيو ٿو وَجان، پـيهر مون ڪي ٻار.

❊

سِجُ اُڀري ٿو جَهنگَ مان، آهي اوڀَـرُ لال،
پـنڊان جَرڻ هِن سونَ جُون، ديري منجهہ پَـلال.

❊

ماڪي لاهيندي جَڏهن، سعـيد ڏني مون لارَ،
دل ڪي ياد آچي وَئي، ساجن جي گفتارَ.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بَحري سَفَرُ آ زندگي، ڪاريوُن ڇوليوُن ساڻ،
ساڻ آسان سان آ پرين، چوڏهينءَ جي چانڊاڻ.

❊

سائيبيريا جا پکي، آهن منجهه سوداءَ،
اڳ ۾ هيڏا سِنڌُ ۾، ڪاٿي هُئا ٽَڪاءَ؟

❊

هينئون هَر مڪان ۾، ڇو ٿو ڀانئين مونجهه؟
ڪنهن جا هِن اوسيئڙا، ساههُ ڪنهين جي سُونجهه؟

❊

مون ڪي موهن جي دَڙي، مِٽيءَ ڏني ميارَ،
شاهوڪار تهذيب سندا، اُجڙن ٿا آثار!

❊

دامَنُ منهنجي جِيءَ جو، دوست سنڀالج ڀَڄُ،
آنءُ اُڏاميو ٿو وَڃان، طوفانن ۾ اَڄُ.

❊

ويرُون وِيرُون ٿي وَيا، سعيد! آسان جا چاههَ،
هُن ڏي خط لکي ڪري، لوڙهيا منجهه دَرياههَ.

❊

مُڙي آنءُ ڏسان پيو ڳهريل پنهنجو ڳوٺُ،
منهنجي پيرن ڪي پئي، پڪڙي مٽي ٺوٺُ.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عرصو جاتي عمر جو، گھاري آئِس آنءُ،
وَھندو سِنڌو مون سِوا، گُم نہ ٿيندو ڳانءُ.

❊

ڪنھن ڪان پوءِ وِسي وَيا، ناھن سَڀُ چراغَ،
ساوا رَھندا مون سِوا، زيتونن جا باغَ.

❊

جيڏيوُن تو ۾ ويريُون، آھن اي دَرياھہَ!
اَڄ اَچن ٿيون ايتريوُن، سارُون مُنھنجي ساھہَ.

❊

آسان جا آدرش ۾، خام ھُئا ڪِٿ خوابَ؟
رَھبرَ ٻيگا ٻروَسا، ٻوڳيا پوءِ عذابَ.

❊

شھر ڳُتيل ڪان ويڪري وَستي ٻھتر آھہ،
جِتِ ھَر شخص ڪٽي سگھي، آزاديءَ سان ساھہ.

❊

ٻھراڙين جي ٻيٽَ ۾، شھرن ۾ آ شور،
ناھي فطري سُونھن ۾، ڳوڙَ ۾ ڪھڙو غور؟

❊

جيڪي آھن جوھَرِي، سونُ اُتان ٻَرڪاءِ،
آٽي لوھارَنِ اڳيان، قيمت ڪين چُڪاءِ.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڪڙيوُن ڪِوليُون! چو نہ تيوُن، پِيهو ڪنهن پي هَنڌ،
ڪاڏي روزُ قَطار ۾، وَڃو پَيون تيون پَنڌ؟

❊

وِهلِي تي ڪاڏي وَڃين، تون دَريا ۾ ويرَ!
دائم ڪهڙي پارَ جي، توکي آهہ اُڪيرَ؟

❊

ڇا تَون جاچڻُ ٿو گُهرين، گَهرَ گَهرَ سَندا رازَ،
ڇو ٿو ڳوٺ مٿان ڦرين؟ او ڙي ناسِي بازَ!

❊

ڪيڏا پَتَڻَ تان وَيا، ٻيڙا پَرِئين پار،
اي دل! اُتُ تہ هَلوُن پيا، ڪيسين انتظار؟

❊

آباد آتَسِ عشق جي، سيني ۾ گادي،
گوشہ نَشِينيءَ ۾ آ، جوڳي اُترادِي.

❊

جوين جي خُوشبوءِ سان، گلڙن کي شرماءِ،
ماڪ پِنيءَ پرِيات جو، ڦلواڙي مهڪاءِ.

❊

ساري رات مَسيحَ کي، ناهي نيٺين ننڊ،
هُن سان گڏ صليب تي، آهي چوڏهينءَ چنڊ.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياري جي يَخ رات ۾، آهي آخر ڪير؟
جنهن جا رات صليب تي، چَنڊ چُمي ٿو پيرَ.

❊

وارَن ۾ رابيل گل، ڇا تہ ڏين ٿا زيب،
سَجيلا جي پيرَ ۾، پاتل آ پازيبَ.

❊

پَسي حسن پرينءَ جو، قَمَرُ پاهڻ پنڊ،
سَجِيلا جي سامهُون، آهي چوڏهينءَ چنڊ.

❊

توتي جوڳي سانورا! ويٺي هاري نيرَ،
سَجيلا جي سامهون، آ ماضيءَ تصويرَ.

❊

سَجيلا جي سيج جا، خوشبوءِ هاڻا گُهنجَ،
آتس جوڳي سانورا! ڏاڍا تُنهنجا رَنج.

❊

چِتِ ۾ هُوءَ ڳولي پَئي، آڪيري جي جاءِ،
لکڻ سعيد چڏي پَيو، جهرڪيءَ ڏي واجهاءِ.

❊

هوريان هوريان انگڙا، تِيئَن پُيا سُنّ،
هُن لئہ رکجان پوءِ پِي، ڪليل اکيُون مَنّ!

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي چؤڏس ڇڻ آجا، مهڪن ٻيا گلابَ،
مِلايو محبوبُ سان، رات سَدوري خوابَ.

❊

نيڻن ۾ جِئن ڪُنوار ڪي، ڳوڙها شاديءَ تي،
وِڇوڙي جو درد ٿو، وصل ويل رَهي.

❊

آجا ڪيسِين عشق ۾، هينئڙا! خُوار ٿجي،
هَلُ هُن گهاٽي ڇانوَ ۾، هَلِي ننڊ ڪجي.

❊

ڪاٽي رهندي آ اُها، هاٽي اوجاڳي،
ماڪي ڇپڙن جي ڪِتي، چَڪبي آ ساڳَي؟

❊

مان تہ هلان ٿو ماٺ ۾، اي سَچ جا رَستا!
ڪيڏا ڪُتا مون پٺيان، پوءِ بہ پوُنڪن ٿا!

❊

ٻيا ها ويساهہ جا، ٽُٽِي آئينا،
ڪُرچيوُن منهنجي جِيءَ ۾، آج بہ هِن سِينا!

❊

هو ڏسي ٿو وارڍ جي، ڪُليل دَريءَ مان،
اُپ ۾ هُو اُڏندڙ پکي، ڪيڏي حسرت سان.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳيو هاجو سِندُ سان، ساڳيو ايتنِز حالُ،
مؤرخ ڏنو عروج کان، آيو پوءِ زَوال.

❊

ڪيڏا هَتَ حضُورَ ۾، آهن تنهنجي لاءِ،
اي دلَ مشڪل وقت ۾، ڪڏهين نہ گهٻراءِ.

❊

عشق متان ايمان دِلِ، آڻي هُوءَ وَئي،
پر طبقاتي ڪشمڪش، رَنڊڪ بڻجي پَئي.

❊

ميران! منهنجي موت تي، ويڳاڻي نہ تِجان،
تولَئہ ايندڙ جُونِ ۾، وَري ايندس مان.

❊

تو مون ڪي چاهيو سَچو، منهنجو اَندَرُ آڌ،
ڪيڏي تو ۾ ڪاميٽي! سِڪ ڏني مون وَڌ.

❊

مرشد سهڻي آکِيو، چڙ ٻئي جي سَڌُ،
"ايڪ پِيالو ہ چَڙها، عشق نہ ڪري آڌَ"

❊

جِت ڪَوي آ سانورو، سا هتيارن - جُوءِ،
آهہ ڪَويتا ۾ سندس، تُلسِيءَ جي خوشبُوءِ

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مون ڪان پردي جي پُٺيان، مڪڙو ڪين لڪاءِ،
اَچُ او منهنجي آرسي! سُهڻا آنگ پَساءِ.

❊

پِنائيءَ جي ٻارِيَـلَ، ناهہ اُجهامي باهہ،
سعيد! اُها پر امبرين، ڪڏهن لڳڻي آهہ؟

❊

بادل جِيئن آ بسترو، رات تہ راڻا! وَسُ،
جوين، مينهن منڊائتو، وَري نَہ چڪبو چَس.

❊

توتي ويسَهہُ سادڙيءَ، دلڙيءَ ڪيو ڪَٽي،
پر چورن جان عشق تون، وئين ڪاٽُ هَٽي.

❊

نِيرو ڪوهِيڙو هُيو، ٿڌڙي هُئِي هَواءِ،
اڪين ڏٺا ڪين سي، جوڳي ساڳِيءَ جاءِ.

❊

پيئِي آهي پَٽَ تي، هيءَ راتوڪي راڪَ،
ڪاڏي هوُ ڪاهي وَيا، جوڳي ڦُٽِيءَ ٻاڪَ؟

❊

هاڻي تُنهنجو هينئڙو، ڇو ٿو ڪين سڏي؟
جهاڳِيندڙَ جَهانَ جا، وَيا رات لَڏي.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُترادي جوڳيءَ سان، هِتي رکيَئُون ساڙَ،
آيو هو وَلهاريو، لَهسِي موٽيو لاڙَ!

❊

فَنَ ۾ رنگ آڪاش جا، متيءَ جي خوشبُوءِ،
اکين ڏٺي عشق ۾، جنـّت جهڙي جُوءِ.

❊

او جيون جا ڏيئڙا! لاٽَ نَہ اِيئن وِساءِ،
ڪي ٿي جڳ مڳ ڏيئڙا، ٻَڙڪا ڏيئِي جَلاءِ.

❊

دڳَ لتاڙي لاڙ جا، ايڏو اوڏو آءُ،
تنهنجي منهنجي وِچ ۾، وِٿي نَہ ڏِسي واءُ.

❊

شهر ۾ ڪيڏو شور آ، اجايا آواز،
سِنڌوءَ ڏي هَلُ سانت ۾، دل جا سَلجَن راز.

❊

تُنهنجي پويان هرڻ - اکي! ڪاڏي مَنُ ڀڄي،
تنهنجو سُرهو ساهہ تو، مون ۾ هاڻ ڪڄي.

❊

ڪِٿ عالَم چاٽي سگهيو، عشق سَندا آزارَ؟
خوش نہ ٿيندي دلڙي، پنهنجي پِريان ڏارَ.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنگ ۽ عشق ٻنهي اندر، هڪ جهڙا هِن وار،
پنهنجي دل آ ڍال جيئن، ۽ هُوءَ نظر ترارَ.

❊

ڪاٿي ڪُل سَنسار تو، ساٿي سعيد! ٿئي؟
ڪافي آ هڪ دوست جو، ڏک ۾ ساٿُ ڏِئي.

❊

هڪڙي چڏٽي ٿي پوي، ويندي پَرئين پار،
ٻن ٻيڙيُن تي ٿي سگهيو، ڪڏهين ڪو نہ سَوار.

❊

ڪنهنجي دَرَ تي دانهي دلڙي، ڪنهن وٽ ڪجي پڪارَ؟
سچل! سائين منهنجو مَنڙو، لُٽيو تنهنجي پارَ.

❊

اي دل! هتي ڪِينَ آ، ڪنهن جو ايرُ نہ ڀيرُ،
ڪيس آسان جي حالُ جون، خبران ڏيندو ڪير؟

❊

مهڪ ڪَويتا جي سَچِي، سنڌڙيءَ ۾ ڦهلاءِ،
سامي! اُملهہ بيت هي، مَتَ ۾ ڪين لِڪاءِ.

❊

ڀِٽائيءَ جي ڀَر ۾، ناهہ سندءِ آواز،
ڪِٿَ ڪَويتا تو لکين، عدم منجهہ آياز!

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کھڙو اُلڪو تن سندي، مَنَ ڪي ڪائي ٿو،
چهرا هِن ڏرتيءَ تي، هيڏا آهن ڇو؟

❊

ساجن جو آواز ٿو، ساندهہ سعيد! سڏي،
آنءَ وَڃان ٿو پوئتان، نيرو سمنڊ ڇڏي.

❊

مبهم خطرا ماڳ جا، الجهيل هر هڪ واٽَ،
مون سان آهي عشق ۾، اُميدن جي لاٽَ.

❊

ويڙهي وَيو آ آڃ وَري، تنهنجو اوسِيئڙو،
زيتونَن جي باغ ۾، نِيرو ڪوهيڙو.

❊

لوڏن ۾ آ زندگي، سامَتِ شال هجون،
خطري جي ڪاهيءَ تان، پَيا پاڻ هَلُون.

❊

بيماريءَ جي بستري، سُور هنئين سان سَل،
جنهن سان جِيءُ جَڙيو هيئِي، تنهن نہ پڇيئہ ڪنهن پَل.

❊

پَرسان هُوءَ بيٺِي رَهي، حُبَ سان سيوَڪ طور،
بيماريءَ ۾ پَئي لڏي، هُن منهنجي پَر گهور.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مونکي سور سَرِيرَ ڏي، نارِجُ نـ آنگار،
ساهہ ملائي ساهہ سان، شعلي وانگر ٻار.

❊

وِيندي وِيندي چَئي وَئي، سعيد! سِگهو وَرجان،
آنءُ عدم جي راهہ تي، بيهنديس تُنهنجي ڪان.

❊

سَنجها چوُڏِس سانت ۾ گاهن ڀَريا گَس،
آئون پنهنجي ماڳ جا، ڪنهن کان پُڇان ڏَس؟

❊

جيڪو پنهنجي خواب ۾، رَهي ٿو بيدار،
اُن تي ئي هر راز جا، کُلن ٿا اِسرار.

❊

شعلي وانگر ڪيئن ٿي، اُٿي پوءِ نَچي،
نانگڻ آنءُ نَچائيان، مُرلي مون کي ڏي.

❊

ڪجي ڪج ــ بحث کان، پري ڪان پاسو،
جيڪو وَيو ويجهڙو، سمجهہ اُهو قاتو.

❊

آهہ تَقاضا عشق جي، عزت، آزادي،
محبت جي مذهب اندر، شرط نہ آ شادي.

❊


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پَيوُن ھُون آرام ۾، سيني رات سڀِيون،
چارَئي اکيوُن رات پر، لڳي ڪين لڳيون.

❊

وَڍِيو وَڻُ اُڏي وَيا، ساسِي ڏارَ چڏي،
کھڙي پارِ پکيئَڙا، وَيا سعيد! لڏي.

❊

آسان کي اغوا ڪيو، ھڪڙي شخص حسينَ،
آزادي نہ ملي سگھي، پُونگو وَسِ ھو ڪِينَ.

❊

ڊوڙي پَھتسِ ڊيل ۾، سُري پِيئَسِ سنگ،
موھي وَيس مَورَ جا، رنگا رنگي رنگ.

❊

چِنتا سندي چوُنڪ تي، بيٺو ھان حيران،
جاڏي ڪاڏي جانور، ڪاڏي وِيا انسان؟

❊

موتي اِيئُن نہ سُمُونڊ ۾، اُچلي چڏ آنمول،
سانڍِ سِپيُن جان سعيد تُون، ڳوڙھا اِئَن نہ رول.

❊

ھيڏي منھنجا ھينئڙا! ھِيٺائِي نہ لَڪاءِ،
توڙو ھَڻ تقديرَ کي، سارو جَڳُ کِلاءِ.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دلڙي رات فـراق جي، ساندھ پَٽي جَلِي،
پلوڙي جي پوئتان، چانڊوڪِي نَہ مِلي.

❊

وَيو ڏيئِي ويچ مُون، فَڪِين منجھہ فِراق،
دل جو دارُون دلبري، چونڪَنِ آڳو چاق.

❊

ماڻهو سَڀُ متيءَ جا، ڪا ڪا متي سون،
هر ڪو آمُلھہ آدمي، جڳ ۾ آهي ڪون.

❊

مُلان، شايد تي وَيا، ڪافر ۽ بي دين،
مسجد جي مينار تي، ڪبوتر هِن ڪين.

❊

توکي رات وَٺي وَئي، هاءِ نياڳي ننڊ،
ڪوٺي دير ڪڙو رهيو وِلَهہ ۾ تولَئہ چنڊ

❊

پنهنجي اکيُن ڪان پري، جلون واري جُوءِ،
آلائي ڪنهن جي اکيُن، پَسي سندس رُوءِ.

❊

ساندَهِ سوچ نَہ سانوري! ڪاڏيءَ هَت ڏِئي،
وَرڻِي ناهي مُورَئون، جيڪا دل وَئي.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪڙو دوهو تون چوين، ۽ پيو ڳايان آنءُ،
آئون ڪِرشن سانورو، تُنهنجو راڌا نانءُ.

❊

گُهوري تو گهائي ڇڏيا، هينئڙا هَنيلا،
اکڙيُن ڪجراريون آتئِ، قاتل سَجيلا!

❊

جَڳُ ڳجهارتَ رَبّ جي، آزلي سگهڙَ ڏور،
سمجهاڻي سَنسارَ جِي، سعيد! آسان سان اور.

❊

آسان جي ساڳي متي، ساڳيو ڪُڙم ڪَبِيرَ!
نفرت ناهه سِرشت ۾، رڳ رڳ منجهه اُڪير.

❊

دوها رَتيءَ رات جو، تارَن هيٺ ڳُڏاءِ،
ميران منهنجي دؤر جي! مون سان گڏجي ڳاءِ.

❊

ڪو پنهنجي تَقدير کان، نَہ تو شخص بَچي،
ڳجهي دَلدَل جي آندر، هَرڪو پَيو گچي.

❊

ساري مَتجي ٿي سگهي، سعيي سان تصوير،
ڪو بدلائي تو سگهي، ڪوشش سان تقدير؟

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق! آسان جي جيءَ ۾، اهڙي جوت جَلاءِ،
اوندهہ ۾ هلندڙ آکين کي رستو ڏيکاءِ.

❊

عشق! آسان جي ذات ۾، ڪوئي آڻ جنون،
سَتِين حِسَ سجاڳ ٿئي، راهُون ڪولي خُون.

❊

هر شاعر جي دل جُدا، پنهنجي آهي ذات،
تارازي تنقيد جي، ماپي ٿي جذبات.

❊

پردي کي پاسي ڪري، پيرو هِڪ نهار،
توتان گهوري جندڙي، سَجيلا! سوَ وار.

❊

مان پي جوڙ مٽائيان، تُون پي جُوڙ مِٽاءِ،
ٿِي اُپرندڙ شاعرهہ ميران نانءُ سَڏاءِ.

❊

مون ڏي موڪِلِ تُون پرين! شعرَ نہ مُور ڇَپاءِ،
نينهُن لڪايُون لوڪَ کان، آسان اڳتي لاءِ.

❊

پانئِي حُبَ حبيب جي مَنَ ٻاراٽي راند،
پاڳل پائي موتيو، پڇتاوا ٿِي پاند.

❊


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيهِي چنڊ ڪيا پَئي، دريءَ ڪان ديدارَ،
رات سندس وڪريل هُئا، ويهاڻي تي وارَ.

❊

سِتَ سِتَ ۾ آ ساهہُ سَمايل، خالي قافيا ڪِينَ،
ڏات آسان جي آهي جانان! ٻرَ ۾ ڄڻ ڪا ٻِينَ.

❊

آهي تُنهنجي ياد ڪان، ويل نَہ ڪائِي واند،
محب آسان تُنهنجي ڪڏهن، ٿيڻي آ هيڪاند.

❊

پرهہ تائين پَئي ڪريان، ساجَن ساڻ رِهاڻ،
ستارن جو سوجهرو، هجي هِيءَ سُرهاڻ.

❊

ساروڻيوُن سَيَئي سندس، وَئي ڪسي ويسَر،
هاڻي رڳو ياد آ، هڪڙو ڳل جو تِرُ.

❊

هُو جو سُهڻو عڪس هو، ڏسندي ٿِي وِيو ڏُور،
آئينو ويساهہَ جو، ٿِي وِيو چِڪنا چُور.

❊

هُوءَ سَجيلا سانوري، ڇو آ ايڏي ياد،
جوڳياڻِيءَ مَنُ بانورو، ڪري ڇڏيو برباد.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جَنتَ ۾ جِيئڙو نہ ٿو، وِندري حُورن ساڻ،
مون کي ياد آچي پئي، سنڌڙيءَ جِي سُرهاڻ.

❊

نينهَن! نشانبر تو ڪَيو، لاٿَئِي مون تان پاند،
هاڻي مشڪل آ ٽِيڻ، ساجَنَ سان هيڪاند.

❊

ناهي اُها سِنڌڙي، رُسِي وَيا هَنج،
پکيئڙا هُو پريت جا، پائي وَيا رَنج.

❊

آهي تُنهنجي نظم ۾ "جوڳي" ڪنهن جو نانءُ؟
آهہ رسالو هَٿَ ۾ ۽ سوچيان ٿو آنءُ.

❊

راتيان ڏينهان هيتري، هجي نہ ها هِيءُ اون،
هينئڙو پنهنجي وَس هُجي، توڏي تَڪيان ڪونہ.

❊

ڏاڍو آ ايذائِتو، پيرسَنيءَ جو موت،
محتاجيءَ کان اڳ ٿجي، ڦُوهہ جوانيءَ فوت.

❊

اونداهيءَ تي پاڻ کي، اي دل! نہ هيراءِ،
جي ناهي ڪا روشني، ڏِيئي وَٽِ جَلاءِ.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميلو مَتَلُ هر طرف، سعيد! جڻ ڪو آهه،
آهي منهنجي سامُهون، جڳ تماشي گاهه.

❊

سيني سَرتيُن سامهون، پوئي رَهنديءِ پَت،
آڏاڻي تي عشق جي، ويهُ سَهيلي! ڪَتِ.

❊

چاهه وِچان ڪاپائتي! آڏاڻي ڏي آءُ،
ڪتڻ مان ڪاپائتي، پو ئي ملنديءِ ساءُ.

❊

هوريان هوريان هينئڙا! تنهائيءَ سان تَهُ،
هُنَ سِوا سَنسارَ ۾، هاڻي هيڪل رَهه.

❊

اُڏري ويندو اوچتو، پکيءَ جيئن پَساهُ،
ڪِرَنڊڙ وَڻ جي لام تي، پِيتَلُ آهي ساهه.

❊

گهر هجان يا راهه ۾، ڏينهن هجي يا رات،
آڄ ڪلهه آهي مون مٿان، دوهن جي برسات.

❊

گفتگو سانڍيج گِريپ ۾، ماءُ رکي جڻَن ٻار،
جڏهين رچي راس ٿئي، تِهان پوءِ اظهار.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تجريدي شهڪار ۾، آهي چا تہ رَچاءُ،
گَهِڪا گهرائيءَ سندا، لِيڪُن مَنجهہ لقاءُ.

❊

جنهن جي دِيدَ ڏِسي سگهي، قطري ۾ دَرياءُ،
دَيدَ تلاشي تِي اُهو، ديده وَر داناءُ.

❊

ڏِس نظارو شام جو، مٿي ڪَڙُ تہ مٿو،
سِڄُ سَفيدَن پوئتان، وڃي تو لَٿو.

❊

چندرما جي روشني، ڪليل روشندان،
ٽيبل تي چمڪي پيو، غالب جو ديوان.

❊

وِيرانيءَ تو ياڻيان، هُن ريءَ ڏاڍي، هاءِ!
آبڪلاٽيءَ جي هَوا! مون ڪي گَڏ گهماءِ.

❊

ساميءَ وانگر مَتَ ۾، دوها سانڍ سعيد!
بد ذوقن جو راڄ آ، تنهنجو دؤر بَعِيد.

❊

اَندَرُ ڪوري ڪِينرَو، ساڄن توڪان پوءِ،
تَندُ رُٺاري رُوحَ کي، رُون رُون ڪري روءِ.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُڄِڻيا ٻَئي سِنڌُ کي، سعيد! تَڏهن ئي سُورَ،
ڪندا هِي تاراج مُون، تَڙِيَلَن جا تُورَ.

❊

ڇِڊڙا ڇِڊڙا ڪارا بادل، منجهند جو هُو ڏِسُ،
ڪاٿي گهاٽي ڇانوَ ٿِي ڏِسجي، ڪاٿي ٿِڪي اُسَ.

❊

مَرڻ ڪان اڳ ۾ نہ تُون متي ماٿي لاءِ،
آهي ان ۾ آبرو، نَئين سِر سِنڌُ سَجاءِ.

❊

ڪوئي شوق عروج ۾ رسائي ڪمال،
ڪوئي شوق ڇَڏي پَيجي، پَسائي پاتال.

❊

ڪي ڄاڃن ٿا قافيا، ڪي ڳولين رديف،
پر غزل جو حسن آ، تخيل سعيد! لطيف.

❊

جِيءُ نہ پيرن خاڪ ٿِي، اي مَنَ! منهنجي مَڄُ،
عزت ناهي جت، اُتان واڇُوڙو ٿِي وَڃ.

❊

ريتو آهہ جهان ڇو، خُون خرابا دين،
سُوال نشاني آدمي، جَوابَ ملن ٿا ڪِين.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڙا رَنگ بهار جا، تهڙا ساجَنَ ويس،
جهڙو رنگ آ رات جو، تهڙا سندس ڪَيس.

❊

محبت ميلو مات جو، راز سنڀالج هِيءُ،
پيارُ نَہ ڪَرِ پَڙها ڏَئي، ڏُهلاڙي تہ نَہ ٿِيءُ.

❊

ڪڏهن پرتي پاڻ ڪان، ڀانيو ناهہ سڄڻ،
ساجن اِيئن آ ساهہ ۾، ڪيرَ ۾ جيئن مکڻ.

❊

جلوو جانب جو ڏِسِي، ٿي وِيُس پاهَڻُ پنڊُ،
لحظي منجهہ لهي وَيو، پيشانيءَ تان گهمنڊُ.

❊

سُندر آهن صُورتون، جاڏي ڀي ڪَرِ جُوهہَ،
پر سو حُسن ئي آور آ، جنهن جي ڳولا رُوحَ.

❊

تُنهنجي پاڙي آئيا، جوڳي قسمت ساڻ،
نہ ڪئي بد نصيب تو، سامِيُن ساڻ رهاڻ.

❊

آئي هُئي تِن کي وَني، آتَتَ ڏيئي اُڪِيرَ،
ڳاڙيندا موتِي وَيا، جوڳي لاڙان نيرَ.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن قَلَم ڏَئي ڪري، آمرُ ڪري ٿو لِڪُ،
ماٿ ڪرائي ٿو ڪڏهن، دليُن جو پارِڪُ.

❋

روحَ ڇيو رقاص ڪي، پو ئي جُهومَڻُ آهِ،
بارُ بدن ٻارِيءَ جو، اڳ ۾ ٿُون هِي لاهه.

❋

ڪوٺيءَ جي ڇِڪَ آهه لِڪَ، ٻاڪُرَ ۾ آ بات،
تنهنجي منهنجي وِچَ ۾، وصل وَسيلو ذات.

❋

ناهي ڪنهن ٻِي باهه جي، تُنهنجي دلڙيءَ جاءِ،
ڪَٿي ٿِيل ڪاوڙ سَڃي، آتش ۾ اُڇلاءِ.

❋

ڀَرِنِ هيٺان ٻُونءِ ڪَر، اُونچي رَکُ پرواز،
وحدانيت جي اُڀَ ۾، اُڏُ روحاني باز!

❋

وحدانيت جي اُڀَ جا، ڪانءَ نہ ڄاڻن رازَ،
رک سنيالي روح ۾، الهامي آوازَ.

❋

سَڀُ اُڏاميو ٿو ڏِسين، ساڄَنَ جا ٿُون نازَ،
ڪيئن سِکِئين ٿُون هينئڙا! بازَن جا آندازَ؟

❋



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڪڻِي ’ڪان ڪان‘ ڪانوَ جي، آجايا آواز،
پُرجهيل روحاني پکيءَ، سانتِيڪِي پَرواز.

❊

ساندهه هڪڙي گهر مٿان، آهه سندس پرواز،
آلئہ کھڙي ڪامڻي، ڏِٺي آهي باز.

❊

آنءَ وَڄايان ٿو ٻيو، سِنڌوءَ ٻَرسان سازُ،
ءِ هُو مٿي اُڀَ ۾، اُڏامي ٿو بازُ.

❊

موسَم ڪي شايد نہ هو، هِي ميلاپ پَسند،
اُترادِي ڪاٺِيءَ جو، لاڙ نَہ ٿِيو پيوَند.

❊

جو ٻيي عُمَرُ مارئي!، تاڙي ٿو توڪي،
هَر ٿاريلي ڇوڪِرِي، تَنهِن ڪي ٿي ٿوُڪي.

❊

آسان ڪيڏو آسرو، رکيو اي ڪجي!
پر ڪِٿِ مليو ڇانورو، ٻيئِي دل ٻَڃي.

❊

ساميءَ جو پاڙيسري، جوڳِي اُترادي.
آيو ڪٽي عشق جي، مون ڏي مهڪ آدِي.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوچي سمجھي اِئين تُون، اهڙي هَلَتِ هَل.
جيئن ڪوئي نہ اُٿِي وَري، دل آندر دنگل
❊

لکيل هَٿَ سان حُبَ جا، قلمِي نسخا سانڍ،
خَطَ هَٿِيڪا ڪَر پرين! وقتُ ڏيندَءِ ويساند.
❊

ڪاٽي لُڙڪ ڇَڏي وَيا، تو جيئن او دلبر!
جنمن لاڪُون هِن رهيا، اکيُن ۾ آوَٽَر.
❊

جن کي ساڃهہ سَچَ جي، هُئي آزلان ڏات.
سعيد! ڏٺا مون ماٺ ۾، سي اڪثر اوقات.
❊

ڇوڙيا مُونجهاري سَندا، دل ڇِپيايل پاند.
اُٿِي ڪَتِ تُون عشقَ سان، هاٺي ڇَڏِ ويساند.
❊

ويئي دل برباد ڇو، هئي حيدرآباد؟
ڏاهي موٽي هينئَڙو، چائي آئي ياد.
❊

ساندهہ سَڏُ سڏي پَيو، دل کي امبر آوٽ،.
مٺي! وَٺُ آمانٽون، تہ ڪَريان آئون مَوٽ.
❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي دل! ايندو ڏؤر سو، سَرَهي هُوندي سِنڌُ،
ڪثرت ساري قوم جي، ڏسبي هِڪڙي جِندُ.

*

لاهي نہ تي رات جو، سَوَڙ منهنجا سِيءَ،
سُڌِ نَہ لَڌئي سانوڻا! تَہ هيل نہ هُوندءِ هِيءَ.

*

پاسا وَرائِن پَيا، پِرِهہَ تائين پُورَ،
ساري رات نہ ٿا سمهن، سَوڙ اندر سُورَ.

*

ڪَنڌُ رَکي ڪنهن ٻانهن تي، سُتئين ساري رات،
مون کي تاندا پَئي ڏنا، جويَنَ ۾ جذبات.

*

سَهڪِي پَون سرديُون، ايڏا پَيَرَ ٻارِ،
ساجن! سيڪيان هَٿڙا، پارَن منجهہ نَہ مار.

*

مون تنهنجي محبوب کي، سمجهيو ناهہ رقيب،
خوش قسمت آ تو سَندو، آتَس ساڻ نصيب.

*

ڏرتي! هيڏا ڏکڙا، سانديان مان ڪاٿي؟
چُلڪي ٿو نيڻن منجهان، درد نہ ٿو ماپي.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دليون سياسَت بازَ ڪنهن، ڪين ڪَيُون نزديڪ،
آسان ۾ ايڪو ڪندي، محبت جي تحريڪ.

❊

هل پريَنءَ جي شهر ۾، رُلُ هَلي گمنام،
ڏينديوُن من! هيرون هُتي، آسان کي آرام.

❊

ڪنهن کي ڪيسين روڪبو، اي دل! ويڳاڻي،
ڏسندي گذريو ڪيترو، پل هيٺان پاڻي.

❊

نَديءَ اڳ هُئِي ڪِٿِ ڏٺي، ڪنهن جي آهڙي روءِ،
وِينگس وِهنجي تِي پئي، آ پاڻيءَ ۾ خوشبُوءِ.

❊

آپي منجهه آچي ڪري، اِيئن نہ ٻَتاڪُون هَڻ،
سعيد! وڏي سنسارَ ۾، تُون آن ريتِيءَ ڪَڻ.

❊

تَنهائيءَ ۾ هُون رهيا، تو پُڇاڻان پاڻ،
لڳي نہ تو هينئَڙو، جاني! ڪاٿي هاڻ.

❊

ڪُرلائي پو شاخ تان، ويئِي سَڏَ ڪجانءِ،
آنءُ آچانڪ ڪُونجڙي! اُڏري ويندوسانءِ.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُکيا سَڀُ ڪجهڪَنِ اَندر، سمجهن ڇا آزارَ؟
سي ڄاڻن جن کي مليا، وِتَ ڪان وڏا بارَ.

❊

اهڙو ڏسڻ ٿو گهران، آئون سعيد ايڪو،
قوم سندي تقدير کي، بدلائي جيڪو.

❊

وحدت دليُن جي اگر، دوست! آسان ۾ ناهه،
ڏِڻُ ثَقافت جو اِهو، کيلُ تَماشو آهه.

❊

هونئن تہ آهي باغ ۾، خاموشي، خوشبُوءِ،
ياسي ٿي پر تو بنا، ساري ٻِسِيَ رُوءِ.

❊

ڪنهن جوڳيءَ کي گودڙي، ڳولي ڪارا نانگ،
ڪنهن جوڳيءَ لئہ آزل ۾، ابد هڪ وِرانگ.

❊

"شِينهن" پَلَنِ ٿا ماسَ تي، جانيون ڪسن "تِيرَ"،
ڪيئن ڪرين ٿو تون چريا! اُنهن هٿ تقدير؟

❊

ڪَوي! لکندين ڪيترو، پَنن پَربو پيٽُ؟
ٻن سِٽُن ۾ ماجرا، جيءَ جي سَڀُ سميٽ.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيسين سَچ جي سِجَ جا، ناهن تن ۾ تيک،
ٽوپيون ۽ آجرڪ اِهي، ڇڻ فيشن جا ڏيک.

※

جي ڪو تُنهنجي واتَ ۾، ٻڌجي ٿو آتڪاءُ،
هِينئَڙا! وات نَہ هيڪڙي، ٻئي چاري سان آءُ.

※

جا هَستي جنهن جاءِ جي، اوڏهين ئي ڪَهندي،
واري وِڪري واءُ ۾، رڻَ ۾ ئي رَهندي.

※

ٽُون جو هِئين اڳ ۾، سچ جو هڪ سفير،
ڪاٿي ڏِسِ تہ وِڄائِيَئِ پنهنجو اهو ضمير؟

※

مان ڪنهن مسيحا سَندي، اوسيئڙي آهيان،
نہ بيمار سماج ۾، جيئڻ ٿو چاهيان.

※

پَؤنري جيئڻ بهشت ۾، پِرَندو رهندو ساهہ،
سنڌڙي ۽ هُوءَ ڪونجڙي، وسرڻ مشڪل آهہ.

※

هُوءَ جا پرتي پاڻ ڪان، آهي ڪوهہ ڪئِي،
رَتُ ۾ سارَ تنهين سندي، رَلجي آهہ وَئي.

※



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن کي تو خلقيو خُدا! پنهنجي نائب طور،
سو آدم آ دربدر، ڌرتيءَ تي ڪمزور.

❊

ماڻهن کان هاڻي پَڪِي! آهيو آوهين مهان،
آڄ جي ماڙي شخصُ کي، ڪيئن چوان انسان؟

❊

حالَتَ رهندي چا اِها، ساڳي منهنجا ياءَ!
منهنجا وارَ آڇا ڪيا، سنڌڙيءَ جي سوداءَ.

❊

سو تہ آسان ۾ آهي اڪيوُن! جنهن جي اَٿَوَ اُڪير،
چو ٿيون لاڙ ليئاڪا پايو، ڪنهن لئہ هاريو نير؟

❊

تُنهنجي راهہ تَڪِن پيا، چوَنرو ۽ چاندڻ،
هِهڙي رات حسين ۾، چو ناهين تُون ساڻ؟

❊

سوچي تو: "ڌرمن سَندا، چو آهن وِيڇا؟"
ڪَلِيسا جي ڪُنڊَ ۾، اُداس آ عِيسا.

❊

پاڙي ۾ ٿِيندي هُئي، جاتي رُوح – رهاڻ،
سايوُن سي مانجهاندڙيوُن، ناهن اُتي هاڻ!

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"دودا! جي دل کان پُڇين، ان ۾ ناهه وڏاءُ،
غيرت هِڪُ گُهمنڊ آ،" چيو چنيسر ـــ ماءُ.

❊

خوشفهميءَ جو خواب هو، جڻ پنهنجو ناتو،
پُرٽا آهن ڀَروسا، پوءِ آسان ڄاتو.

❊

جوڳي! هِنَ صديءَ ۾ سُڃَ وَسي ٻاهر،
ڳول خُدا ويندو ملي، توکي پنهنجي گهر.

❊

نيڻن کي پئي جڻ لڳو، سَپني جهڙو مَنڊُ،
رات آسان سان ڳوٺ جي، چارَنِ ۾ هو چنڊ.

❊

سَڀَ جو ننڍپڻ راند ۾، گرم جوانيءَ خُون،
هَر جويَنُ جذبات سان، پوڙهَپَ پُرسُڪون.

❊

پرانگُهن سان ماپيو، آهي ڪنهن جَهان؟
هر ڪاڙهو اِنسان جو، آهي منجهه امڪان.

❊

اي من! هِنُ سنسارَ ۾، حُسنُ پيو پيو آهه،
مَحوَرُ ڪوتا جو رڳو، هڪڙو ساجن ناهه.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿان اُڀُ ميرانجهڙو، آڏو سُڃي واٽَ،
پوڙهي ساڻ هلي پيو، گُلڙُ ڪندو گوئنڪاٽَ.

❊

ساک ٻَري رَکُ سادگي، گهارِ ٻلي گُمنام،
ڇائِيءَ وِجهہ سي شهرتُون، جيڪي ڪَن بدنام.

❊

آنا هوندي ڪيئن ٿِئي، ساڄَنَ سان سرچاءُ،
مارڳَ ڏي محبوب جي، آپي ساڻ نہ آءُ.

❊

آنءُ ڏسان ٿو اُڀَ ڏي، آڳُر مان عاقل،
منهنجي گهرَ تي ٿي ڦري، ساندهہ هڪڙي هِل.

❊

مون تہ اِئين ئي پَئي ڪديا، واريءَ تي ليڪا،
تنهنجا مُنهنجا نانوَ هِي، لکجي ڪيئن وَيا؟

❊

آندي غم گَنڀيرتا، سُورَ نِڪاري سوچ،
عشق سندءِ آرپي پرين، لونءَ لونءَ اندر لوچ.

❊

پيارَ مٿان پابَنديوُن، آهن آج ٻيي ها،
چنڊ! نہ پائج مون طرف، لوڙهي ڪان لِيئا.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرين! توکان پوءِ هت، اوندهہ آ آکٽر،
توسان ئي هُوندو هُيو، مُنهنجَو گهر مُنور.

*

ڪالهہ نهارڻ ريءَ اُهي، پَرِ مان گذريا، هاءِ!
آڏُ حياتي دل ڏنا، رستا جنهن جي لاءِ.

*

ضبط ڪسي ويا ذات کان، اندر جا اُلڪا،
رات لڪاياسي آسان سَوَڙ ۾ سُڏڪا.

*

مونِيُس پَٺي مان بَندَ تان، مَنُ هو مُونجهارو،
مون کي خوش ڪري وَيو، سانجهيءَ جو تارو.

*

ڪڇڻ لڳندو آ جڏهن، جيئَڻَ تان آرواح،
مونکي مستيءَ جو سبق، ڏيندو آ دَرياهہُ.

*

ڪڏهين ڪَربُ نَہ ايترو، پوڳي آيس آنءُ،
رات نپوڙيو پَٺي ڪَنهِين، جَڻ تہ هتن سان هانءُ.

*

دل صدائون ڏئي ٿَڪي، وَئرت وَئي هَر بات،
سعيد! مَڙهيسُون ذات تي، آخر چُپ چُپات.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جَهنجَهت ڏَسِ تہ جَهانَ جا، ڪاڏي ڪڙندين هِيءُ؟
هلڪو ڪَر هَستيءَ کي، اي مَنَ! آجو جيءُ.

❊

هرڪو پَنهنجي لاءِ تو، سوچي صبح و شام،
ڪنهن ڪنهن کي آ قوم جو، اُلڪو سعيد مُدام.

❊

خوشبوءَ واري شهر ۾، آ منهنجو محبوب،
جنهن جو رنگ رابيل جيان، فطرت ۾ محجوب.

❊

آيو پِٽِ جي آوٽَ مان، هڪڙو ننيڙو پِينڊُ،
پَرَ هُئي نديڙي پِينڊَ ۾، ڪيڏي وڏي نِينڊَ.

❊

جيئن مڇي درياهہ ۾، رَهندي آهہ اَلُوپُ،
تيئن رهندو آ رُوح جو، موتَ پڇاڙان روپُ.

❊

پَتَ — پَتِيهَرَ پاتَئِي، لاتَئِي تِلڪُ نِراڙَ،
ويسُ آسان جي ذات جو، لِيڙُون لِيڙُون لاڙَ!

❊

دَريا! پيٽَن جي آندر، ماڻِن ها جي سُورَ،
سَڄڻ ها ڪاٺي تہ پيي، پرينءَ سندا پُورَ؟

❊


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي جيئَن جُولاءِ ۾، پاڻ - وَهِيڻِي چال،
دريا! ڏيرج عشق ۾، مَنَ لِءِ آهه محال.

❊

دَريا! وَڏي ٻوڏ ۾، ٿي وِيو سَڀُ ڪجهه چَٽُ،
پِيو آ پَنهنجي اڳيان، بس تاريخي لَٽُ.

❊

دَريا ۾ چمڪي پِيو، سوڀَ سندو هُو سِجُ،
مُحبَنِ ڪان مايوُس تون، سعيد! نَہ ساجهر ٿِج.

❊

ماڳُ پَرانهون مَنَ ۾، آڙينگ شَهسوارَ،
تاپوليُون گهوڙي سَنديوُن، چِنتا، ڏُور نِهارَ.

❊

هُنَ جي چؤڌِسُ اَجنبي، آهي اَج عَوام،
ڪيڏو آهه اُباٽڪو، پَڪو قلعو شام.

❊

شاعِرَ ريءَ شعور آج، سِتُون ريءَ احساس،
ڪانهي ٻولي قَلَبَ جي، سحر، نَہ خوشبُوءَ واس.

❊

ڪنهن تي لکجي شاعري؟ توتي جي نہ لکان،
محور پنهنجي ذات جو، ڪنهن کي آنءُ ڪريان؟

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساجَنُ اي دل! ڪينَ هو، آسان سَندو نَصيب،
محبت ۾ پر ماڻيا، آسان رازَ عجيب.

❊

وينو هو ويچارَ ۾، ڪنهن جي لڳاتارَ،
وِيو هُو خالي ٻَئنچَ تي، وِساري اخبارَ.

❊

جنهن مان چَسُ وٺي ڪري، اُڇلي ڇڏيو آهه،
هُن لئہ ڇيگم جيان هُيو، جَڻ تہ آسان جو چاهه.

❊

جاميٽريءَ ۾ جڳ جي، هُون پُور - وِچُوتا پاڻ،
ڪشش ثقل جيان پَرَ پرين! توڏي ئي آ تاڻ.

❊

پائِڻُ جَڻ پَرتي تيڻ، پرتي تيئَڻُ پريت،
سعيد! ڏنيسُون عشق جي، آسان اُلٽِي رِيت.

❊

دريا دل سان پئي ٻُڌو، تو پئي ڳاتو گيت،
جڻ سانتيڪو پئي وڳو، لهرن جو سنگيت.

❊

دَريا وانگر آ دُنيا، جر - ڦوڙا سَڀُ فرد،
آهن خوشيون عارضي، دائم ناهن درد.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دريا! مان ڳوليان پيو، ماهر لسانيات،
لکيل لهرن جي مٿان، پڙهي ڏي جو بات.

❊

دريا! وحدت منجهه آ، ويڙهيل هَر تخليق،
علامه قاضيءَ جي، پهتي ڪٿ تحقيق؟

❊

دريا ۾ دُنيا اندر، آهن ڪُنَ ڪيئي،
مشڪل نِڪري جند جا، انهن ۾ وئي.

❊

دريا سمجهائي ڏني، اِئين دنيا ۾ رَهُه،
ڪنارا ڪَر مون جيان، ۽ مرضيءَ سان وَهُه.

❊

ڪُونج رُئي آ لاڙَ جي، جنهن ريءَ چَينُ نَہ هاءِ،
ڪويل! مُون پاران وَجي، هُن کي تون پرچاءِ.

❊

ڇُلڪي ڏِيءَ انگور جي، ڇيو ڪيس شباب،
تنهنجو شاعر ڇو پيلا، آهي پُر حجاب؟

❊

مستيءَ ۾ جيئن هُو ڪَري، ڏسبو آ اڪُثر،
ڪڏهين ڪڏهين عقل کي، موڪل ڏيندو ڪَر.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عشق آسان کي واهه جو، سمجهائي وِيو راز،
ڪنهن جي جيون ۾ نہ ٿي، زوريءَ دخل انداز.

❊

سَيني ٿانون ۾ اُهو، وٽندو هو هڪ ٿانءُ،
ٿامي جي چؤنرِيءَ تي، ”سعيد“ هو اُڪريل نانءُ.

❊

آئون ڏاهڻ ٿو گهران، جُهوني ساري جاءِ،
نَئين عمارت جوڙيان، ايندڙ نسلن لاءِ.

❊

رات ڪَمي پاسي پَئي، چوڏهينءَ چنڊُ ڏِسِي،
ڪيڏي تنهنجي ڪنڌ ريءَ، آهي ٻانهن ٻُسي

❊

تنهنجو نانءُ حسين ٿو، ساري هَرَ هَر هانءُ،
تانگهہ ٻٽي تسبيح آ، ۽ پُوڄاري آنءُ.

❊

پاسي ڪان پاسو ڪري، اي دل! هيڪل آءُ،
ڪنهن جي جيون - وات ۾، چالَڪَ ٿيون آتڪاءُ؟

❊

ساهہ! مسافر ڏُور جا، ڪنهن ڪي نيڻُون ساڻ،
هي ٻہ متيءَ ۾ ٿا رکئون، بار بدن جو پاڻ.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موتُ، مسافَتَ ڏُنڌَ جي، آهي جوت حيات،
طئہ ڪرڻا ھِن پاڻ ڪي، پيئِي سَفَرَ ذات!

❊

سُرَهِي سُرَهِي ساهہَ ۾، سارين سندي سُڳنڌ،
آنءُ پرينءَ جي سوچَ ۾، صبح سَويري پنڌ.

❊

آندر جون چيپايل ڳنڍيُون، مَس مس کوليُون ذات،
سُلجهائي وَئي هَر اُلجهن کي، ڏاهَپَ ڏئي وَئي ڏات.

❊

مون بہ ڪجيُن جي شهر ۾ تلسي! چانوَ نہ پاتي ڪاءِ،
دوهن ۾ تو وانگر دلڙي، ويٺي روئي ڳاءِ.

❊

تاهي تاهي سِٽ لکڻ تو، سيکاري محبوب،
وَرنہ اهڙا دوها دل کان، ڪئن لکجن ها خوب؟

❊

تَر تَر منهنجي دل! دَريا ۾، ڪوئي نہ پنهنجو پار،
لهرن ۾ ڪو لڙَڪ نہ ڏسندو، ڪِلندو نہ سَنسار.

❊

ڪنهن موسم ۾ ڪين سُڪي تي پلڪن تان پاڻيات،
جڳ ۾ شور قيامت جو آ، پنهنجي مَنَ ۾ مات.

❊


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سِتَ سِتَ جو آ سُجاڻي سگھندو، سخن شناس مقام،
اُونچي پَدَ جو شعر آ هوندو، عشق سَندو الهام.

❊

چا لڳ ڪَنٽ، ڪولاب ۾ ڏارين وَهمن جڳن ويساهہ،
ساهہَ ۾ آهہ سماعُ پرينءَ جو، دلڙيءَ ۾ درگاهہ.

❊

جنهن جي دل ۾ عشق جي تابَشِ، هستيءَ جو عرفان،
اي دل! اهڙو ڪل جڳ ۾ تُون، ڳول وڃي انسان.

❊

ڪوبہ نہ ڄاڻي اڪيون ڪڏهين، ملنديون اکين ساڻ،
نيڻ وڇوڙي جي سرحد تي، وِڇڙيا ڳوڙهن ساڻ.

❊

هڪڙي مصرع آنءُ چوان ٿو، ٻي مصرع چؤ تُون،
آءُ دلين جي هر دوهي کي، مڪمل ايئن ڪريون.

❊

ڏات سندي هِنَ ڏيئڙي ۾ تون، خُون هيئين جو اوت،
جڳ جڳ ڪيئن جلي ٿي پوڏِسُ، مَنَ جي آزلي جوت.

❊

نيڻن کي تو هُوندي ٻئي درشن لڳ ناهہ فراغ،
ڪير گلن کان چُميون چائي، ڪير نهاري باغ؟

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون بہ ڪلاڪ ڏسين ٿي پنهنجي، آئيني ۾ سُونهن،
مون بہ تلاشي وَرتي آهي، ڪَوتا منجهہ وِرُونهن.

❊

هر ماڻهوءَ جو ڀاڳ جدارو، ڪو خوش ڪو ناشاد،
منهنجو ڀاڳُو عشق آزل جو، ۽ حيرت آباد.

❊

پنتي چڏيل ماڳ مسافر! هَر هَر نہ واجهاءِ،
چئن وکن جو سڀ ڪو ساٿي، ڪير ٿو توڙ نڀاءِ؟

❊

ڪي تہ نگينہ سَستا ايڏا، هرڪو منڊيءَ پاءِ،
ڪو ڪو نگينو پارس جهڙو، هينئڙي منجهہ لڪاءِ.

❊

هڪ ڪَرامت سعيد! ڏنيسون، ترَ جو ٿيڻ مهتاب،
ٻي ڪرامت حيرت جهڙي، هئي حقيقت خوابُ.

❊

هڪ پدمڻِي اهڙي آئي، واپس ڪين وَري،
ٻي پدمڻيءَ قسمت اهڙي، چِنڙيءَ لاءِ چَري.

❊

هڪڙي ٻانهن اُتر ڏي منهنجي، هڪڙي ٻانهن ڏکڻ،
جاڏي چاهين، عشق! آچي تون، واچُوڙي جئن ڪڻ.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بيٺو آهي پرَ ڪنڊيري، ڪارونجهر تي مور،
چاهت ساڻ ڏسي ٿو سهڻيءَ، ڊيل سندي هُو تور.

❊

نيڻن سان هڪ ناريءَ ڪيڏي، لڪ ڇپ واري راند،
چوريءَ چوريءَ ڇيپائي وَئي، پنهنجي دل سان پاند.

❊

توکي پنهنجي ڪم ڪاريُن کان، مورَڻُون ناهي واند،
تنهنجي ياد ڏني آ مون کي، هستيءَ کان ويساند.

❊

رهجي ٿي حسرت ۾ دل جي، هر پيري هِيءَ آس،
قافئي منجهه ڪتب آڻيان ها، تنهنجو نانءُ، آلاس!

❊

چريائپ جا منصوبا ٿو، جوڙي ڪڏهين جيءُ،
چئي ٿو: هُن جي نالي سان سَڀُ، گيت ڇپايان هِيءُ.

❊

اِيئن آسان کان اُونچو ٿي وئين، جيئن نه پرين پَسجِين،
بيٺَل آنهه بُلنديءَ تي پر، ننڍڙو ٿو ڏسجين.

❊

حُسن خياليءَ کان پاتوسين، حُسنُ حقيقي آور،
حيرت مان آڪاش ڏِسي، جي پَرڙا کولي مور.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيئي ڪتاب پڙهي بہ رهي دل، ڪوري سا ڪوري،
سحر ڪري وَئي طاري دل تي، ٻُوناٽي چوري.

❊

آئيني جي آڏو آهن، هُت ڪڪوريَل نيڻَ،
هِت آسان جي حسرت ڏي تي، پاڳن ڪي پئي ويڻَ.

❊

کھڙي هِيرَ گُهلي جو ڪَلِيُن، لاهي چِڏيا لباس،
يئونرن ڪي هر ڪائي آندو، ڦلواڙيءَ ڏي واس.

❊

آئيني جهڙو هئو، اي دل! پنهنجو چاهہ،
هاڻي ڇو نہ آچي پيو، عڪس مٿان ويساهہ؟

❊

ساري عمر آسان سان هُجُ تُون، محب! چوي ٿو ڪير؟
هڪڙي رات ئي روشن ڪَرِ تُون، مِلُ تہ آچي ڪجھہ دير.

❊

ساجن! سَڀُ واري چِڏيا، ليڪا چوڪا نينهن،
ناهي ڪَلَ ڪيڏا پرين! تو رِيءَ وَسِيا مينهن؟

❊

هڪڙو ڏينهن تہ خوشيون ماڻيون، روز نَہ هوندي عيد،
پو تہ اُهي ئي ڳُٽيوُن هونديون، ساڳيا سُورَ سعيد!

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عيد ڏهاڙي جُهومان ايڏو، واڇوڙي جِئَن گول،
هَر هِڪَ درد ڇڱي ڇَم ڇم سان، هينئڙي رَهن نہ هول.

❊

ناهي وَسِ انسانَ جي، تہ سڀ ڪجھ ماٽي جيءُ،
ڏِيرج ڏَر او هينئڙا! اِيئن نَہ اُبهرو ٿيءُ.

❊

لاڙو دل جو لاڙَ ڏي، پئي هنڌ دل ماندي،
ڪاش سَدا پيئي هجان، پرينءَ پيراندي.

❊

واڇوڙا نفرت سندا، آهن اَڄ چوڌار،
واريءَ جي گهر وانگيان، آسان پاتو پيار.

❊

ڪيڏا ڀِي ڏَکَ هُو هٽي، سَهنديَس مان چپ ساڻ،
لوهر! آنءُ بہ آهيان، ساجن جِي سانداڻ.

❊

تاريخي ڇوُواٽي بيٺو، ڳڻتيءَ ۾ آ حالُ،
۽ مون سامهون ڀيٽي آهي، ساري سِنڌُ سَوالُ.

❊

جنهن ٺاريءَ تي وينا آهن، ڪيئي ڪانوَ - پکي،
تنهن ٺاريءَ تي آسَ ويهڻ جي، ناهي هنج رَکي.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪو ڏاهو سمجهي نہ سگهيو آ، جنم مرڻ جو راز،
هِي آڪاش بہ آهي چرڻ ڪو، جُهونو تماشي باز.

٭

ڏات آسان جيءَ تنهنجي دل تي، ڇڏيا ڪونہ آثر،
ڇا ڇا لکيو؟ ڇا ڇا ڇَپِيو، ناهي هاڻ خبر.

٭

ٽيويهن سالن جو ڦيرو، ٽيو آ هِيءُ فراق،
يا ڪر من جي آشا پوري، يا ڪر هن کي عاق.

٭

چؤڏِس هو پنڊالَ ۾، خوشبوءِ پَريو خطاب،
منهنجي ديدَ ڏٺو پئي، مائيڪ لڳ گلاب.

٭

سَرتي ڏرتي ٿَر جي، مان سانوڻ جو مينهن،
بادَلَ ڇانٽِنِ اُپَ جا، ڇاهِ اُجارو نينهن؟

٭

ڪوئي اهڙو ڪِينَرو، ماٺين منهنجا ڀاڳ،
تارُون سندس آزل سنديون، آلاپَــن ۾ آڳ.

٭

ڪولي دريُون حال جُون، ڪيسين ڏسان آنءُ،
آئيندي جا آولڙا، ۽ ماضيءَ جي ڇانءُ.

٭



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هينئَڙو جَڻ تہ حڪيم آ، ڦڪيُن وانگر ڦَنُ،
زخم چُٽايون ٽا پَيا، مان ۾ منهنجو مَنُ.

❊

ڪنهن بہ تَڪلف کان سِوا، ڪوليم هُنَ سان جِيءُ،
منهنجو وڏو ڀاڱ آ، ڪارو سمنڊ هِيءُ.

❊

دل، دلاسا پئي ڏنا، ايندي رستي ساڻ،
هاڻي معافيون ٿي گھري، وَرندي ڇاجي ڪاڻ.

❊

ڪهڙو ڪجي لوڪ کان، هاڻي لڪ لڪاءُ،
محبت جي مندر اندر، ميران ٻڌجي آءُ.

❊

سِڙُهہ لُڏي ٿو واءُ ۾، دريا، ڪشتي، شام،
پنهنجا تُنهنجي پارَ ڏي، آهن پُورَ مُدام.

❊

لالِي چَمڪي ڍِيدَ ۾، ساريا اڪٽرين انگَ،
تُنهنجي ياد ڏَئي وَيا، لال شُفَق جا رنگَ.

❊

ٻَچيا آٿاٿا وَڃي، ڏَڙا، آهُون سَرد،
ڇا تاريخ! مري وَيا، سڀ سوڀارا مَرد؟

❊


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاڏي نيڻ کڄن ٻيا، آهي رتوڇاڻ،
رومي! ڪيئن ڪو ذات سان، ڪري روح رهاڻ؟

❊

اي دل! هي ٿرپارڪر، ڪهڙا ٿر ۾ تاڪ،
ڳول وڃي سو قافلو، جنهن جا اندر چاڪ.

❊

آءُ ج مليو هو مصر کي، يا ماڻيو يُونان،
تيئن آسان جي سِنڌُ جو، هو تهذيبي شان.

❊

روليو شڪ جي راهہ ۾، طالب! توکي جاڻ،
توکي حُبَ ڇيو هُيو، عشقُ ڪجان اڳواڻ.

❊

منهنجو مَنُ واسي وَيا، راتوڪا احساس،
ٻيج – ٻنيءَ ٻي سانورا، آهن تنهنجا واسَ.

❊

اَڄ ٻنهي کي ٻارڙا، ٻنهي کي گهر گهات،
پوءِ بہ وِسامي ڪين آ، ساجن! لنءَ جي لاٽ.

❊

پهرا آهن پيار جا، هَتِيڪو آ هانءُ،
نظربَنديءَ ۾ نينهن جي، اَڄ ڪلهہ آهيان آنءُ.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاڙهہ نہ آجي چاھہَ ۾، سعيد نہ دلڙي لاھہ،
ساڳي سطح درياھہ جي، روز نہ هوندي آھہ.

❊

وِسِرِي ناهي مَنَ کان، رخسارن جي رُوءِ،
هُنَ هٿيليءَ ۾ هُئي، مينديءَ جي خوشبوءِ.

❊

مون کي هلندي شام جو، ڏنو پئي درياھہ،
ڪيس پروڙ ڪٿي هئي، لاڙ پُڳو هو ساھہ.

❊

پڙهڻ، ڪڙهڻ، پيڙهجڻ، عشاقن اُتساھہ،
معنا سمجهن من ۾، آزل جا آگاھہ.

❊

آتي ٿِيءُ نہ ايتري، ڌِيرَجَ ۾ آچُ دل!
ٻئي جي هَٿَ ۾ تِي ٻَري، هاٺي هُوءَ مشعل.

❊

ٻَينش ڪيو چڻ ٻارڙي، ڪاڏهان پيي هُوءَ آڻ،
روئي روئي هينئڙي، نيٺ ڪئي ٻَسِ پاڻ.

❊

پکي پَرَ ساهي پَيو، چِڏي وينڌَءِ جُوءِ،
وَرِي ملندُسِ پِيو وَلَرُ، وَرِي پِي ڪا رُوءِ.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنبڻيءَ پِنبڻِيءَ ڪان يلي، پُڇ پرهہ جو، واءُ!
ساڄنَ سَپني ۾ آچي، رات ڪيو سرچاءُ.

❊

سگهہ نہ هاڻي ساريان، تولَئي ڏوريان ڏيهہُ،
ساڄنَ! گهرُ وَٽ سامهون، پاڙي ۾ تي ويهہُ.

❊

رياست آهِ ڪُـت رُوحَ جي، سائينءَ جو سَوڳَنڌُ،
منهنجي دل جي ديس جو، لاڙُ آ گاديءَ هَنڌُ.

❊

منهنجي گهر ڪيڏا پکي، پهتا آهن شامَ،
آنءَ ڏسان ٿو نِمُ جي، لُڏي ٿِي هَر لامَ.

❊

آءُ ڪَتوريءَ جي ڪٽي، ساجن خوشبو تُون،
جنهن سان مهڪي سنڌ ءِ، ساري جڳ جي يُون.

❊

تِـرَ جُون تشبيهون نہ تُون، ساندهہ وينو ييٺ،
شاعر! پنهنجي شعر ۾، سارو جڳ سَميٺ.

❊

باک ڦٽيءَ پيئِي پَٽي، سهڻي وينگس گل،
هِيرَ شرير وَجهيس ٿي، ٽُبڻيءَ ۾ ڪاڪل.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طوفاني بارش سندو، ڇاڻ نہ آ ڍڪاءُ،
احساسَنِ جي اُڀّ تي، اڻڀلت ٻڄي آءُ.

❊

رات ڀِتائيءَ پئي پُڇي، سپني ۾ هيءَ بات،
ڪيئن آ هاڻي سندَڙي؟ ڪهڙا هِن حالات؟

❊

جيءَ اندر آ جُهوپڙي، جنهن ۾ جوڳيءَ ذات،
چاهہ وچان هُوءَ چاندني، ايندي آهي رات.

❊

نِت نِت درشن ديد لئي، چوڏِس رُوحَ - وِرونهن،
صبح ويلي ڪو ڏِسي، ساريالي جي سُونهن.

❊

آنءُ اڀوجهي سَسُئي، جنهن سان ٿي هِيءَ جُٺِ،
آيل! منهنجي آبرو، ڇائي وَيا اُٺَ.

❊

محبت ڪجي ايتري، ويل نہ هجي واند،
ڪو نَہ وڏائي نفرتُون، سوچي ڪو نَہ پلاند.

❊

وَريو نَہ محرم حال جو، موٽيو محرم ماھُ،
راتين جو آ روئندو، سِسڪيُون ڀَري ساھُ.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪھڙا ڏجن پاڻ کي، ڪُوڙا دلاسا،
متي ۾ مِتجِي وَيا، قومي آثاثا.

❊

پائي آئي هُئِي اُها، عجب جا ايرينگ،
ڪارو تِلڪُ، اَڇو وڳو، ڪَٽَن وسرن واسِينگَ.

❊

ٻهراڙيءَ ۾ مُون ڏٺو، عجبَ جھڙو مَنظُر،
سانجھيءَ جو ٻاري پَيو، چِمِني گَھرَ ۾ چَنڊُ.

❊

جيسين پَن پَن تي وَڃُون، هوندي گڏ سُرهاڻ،
هڪڙي مالھا ۾ پرين، پوپل آهيُون پاڻ.

❊

خوش فهميءَ ۾ خوش هئي دلڙي، سڀ ڪجھ سمجھي پئي،
هُوءَ نَہ آسان جي تيڻي هئي پر، دل کي آس تہ هئي.

❊

نانا! هاٿي گَھرَ ۾، ظاهر ناهين ڇو؟
گُڙُ گُڙ آنءُ ڪريان لِڪي، ڪِٿ آ سندءِ حُقو؟

❊

ڪويتا جيئن ڇوڪري، وائيءَ جھڙا ويڻَ،
غزل جھڙي گفتگو، دوهي جھڙا نيڻَ.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دادُ ملي نہ ملي مگر، سوچ منجھان خود سِکُ،
قلم نہ رکجان کَنَ تي، کوي! کَويتا لِکُ.

❊

باز ڪراڙا! پاڻ کي، بلندين ڏي نَہ اُڏار،
ھاڻي پويان ڏينھڙا، ڪنھن ٽاريءَ تي گھار.

❊

ڇڏ ھِي شوق فضول ۾ ڪر نَہ آجايو شور،
معنيٰ پري مات ۾، ويھي ڪر تون غور.

❊

اکيُون ڪر نہ اُتامريوُن، جوڳي جھاڳ نہ جھنگ،
رِلھي پائي رازَ جي، پسجي ساجن سنگ.

❊

ٽانڊا ٽانڊا ٽِي وَيو، ھي گلڙن جو ڏيھہ،
مالھي! ناھي وقت جو، چادَرَ ويڙھي ويھہ.

❊

پنھنجي ڦِڪي شاعري، پئي ڪين قبول،
سِٽَ نَہ ڪا دلڙيءَ لکي، جيڪا لڳي نزول.

❊

آئون دل جا درد جي، ٻُڌائڻ بيھان،
ٻڌندي ڏک، نڪري وڃن، راھُن ڪان ريھان.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي دل! تُون ڪرئين متان، هاڻي تن ڏي مَوتَ،
اڪيون سي بيٺيون نہ هِن، نيري ڏَر جي آوتَ.

*

تو ۾ ڇو شيطان جُون، آهن آج صفات،
آ افسوس الله کي، توتي آدم ذات.

*

ناهِن ڪنَ آڪاش کي، گُونگي آهہ زمين،
آسان پنهنجا آلميا، ڪنهن سان سَلِيا ڪينَ.

*

آهي ڪاري رات ۾، تانداڻي جي لاٽَ،
آنءُ اُنهيءَ جي آسري، پُلجان نہ تو واٽَ.

*

دوها پڙهيم سعيد جا، آهن وجداني،
ڪو دوهو رومانوي، ۽ ڪو روحاني.

*

مونن منجهان منهن ڪيِي، سائين لَهہُ سَماءُ،
مورن ۽ مارُن سندو، ڪوئي آهہ اُپاءُ.

*

رستن جون ويرانيون، ڇا جهورن ٿيون ڪِينَ،
سعيد وڃايان ڪيئن مان، ويرانين ۾ پِينَ؟

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل! تو درد جون آيتون، پڙهيون هُون ڏُکَ ساڻ،
هاڻي برهه - بشارتون، مرڪي مون ڏي آڻ.

❊

مَرڻ ڪان اڳ ۾ نه تُون، مِٽِي ماٽي لاءِ،
آهي ان ۾ آبرو، نئين سِر سِنڌُ سَجاءِ.

❊

ڪوئي شوق عروج ۾، رَسائي ڪمال،
ڪوئي شوق چڙهي پَچي، پَسائي پاتال.

❊

رَيتو آهه جهان چو، خون خَرابا دين!؟
سُوال - نشاني آدمي، جواب ملن ٿا ڪين.

❊

هڪڙي حسرت ڊينگهري، جا نَه چڙهي ٿي پاند،
رت ڳاڙيندي راهه ۾، دل آ ڪئي ويڙهاند.

❊

جڏهين پيي تفريح لئه، ويندو آهيان يار!
مون کي موهن جو دڙو، ڏيندو آهه ميار.

❊

شاهد آهي شاخ نَهَرَ جي، آهي گاهه گواهه
ڪاٺي هڪڙي ڪانيي ۾ وئي، چائي ڪنهنجو چاهه.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڏاٽي تي ڏيان سان، ڪَتِ ڪبيرا! ڪَت،
مبهم آ تاڃي سَڃي، سڀ ڪي ناهي مت.

❋

هيڏي خاموشي سنڌءِ، جيءَ ڪي ٿي جهوري،
گونگو ٿئين شل تون اهو، پاراتو ئي ڏي.

❋

رُلندا تنهنجا هيرا موتي، مٽيءَ منجهه اَمُلهه،
جوتن جا واپاري ڄاڻن، ڪهڙو هيرن ملهه؟

❋

سال ٿيا سو ڪتجي ويو آ، گهاٽو سڄڻ سِرينهُن،
جنهن جي ڇانوَ ۾ وچن ڪياسي، تو مُون لاتو نينهن.

❋

جئن هُوءَ هير صبح جي جَرَ ۾، جُهومائي ٿي ڪنول،
لونءَ لونءَ تي جاڳائي منهنجي، سارَ سنڌءِ سانول!

❋

بي فَيضَنِ ڏي هينئڙا! رُلجي ڪينَ فَضول،
جاتان ملن محبَتُون، دِليان ڪَرِ قبول.

❋

ناهيندِي، دولت نہ آ، شخصيت جو معيار،
اَفضل آ انسان جو، ڪل جڳ ۾ ڪردار.

❋



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آج پيي ڏُونهِين تِي ڏکي، تِي نَہ وسي ڇا لاءِ،
ساجَنَ! ڇَنڊو وِجُھہ، يا ساهَن سان پَڙڪاءِ.

❊

سادِي دل تَہ ڪري ڇڏيو، عشق سندو اظهارُ،
مُحب! اوهان جِي ماٺ ڪي، ڇا سمجهي اِقرارُ؟

❊

سَـڌَ تہ سولِي سڀ لئي، پر مَنَ! رکجان ياد،
ڪنهن کي قربانيءَ سِوا، ملندي ناهہ مراد.

❊

پَـنَـنِ ۾ هُوندا پَيا، آسَ وندا آوازَ،
هُون لاوارث قوم جا شاعر، شيخ آيازَ!

❊

محب هنئين لئہ تي پيو، شافي تنهنجو نانءُ،
بيمارين جي بارَ ڪان، آجو تي پِيُس آنءُ.

❊

ننڊيپڻ ۾ ڪيڏي هئي، هوءَ جا مون سان راند،
شرمائي تي آج رکي، سِرَ تي پوتيءَ پاند.

❊

ڳالهائڻ پيي آج نہ تي، رکي هوءَ روا،
آٽيندي هئي ڦاروا، چوريءَ چوريءَ جا.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦُڙيءَ ڦُڙيءَ سان ياد ٿي، جاڳائي جذبات،
بيٺو آنءَ ڏسان پيو، دالي مان برسات.

❋

ڪهڙي تنهنجي دل لڳي، ڪهڙو نينهن ۽ نباهُه
جئن ڏهاڙن ۾ وَيو، ڦٽي رنگ جئن چاهُه.

❋

هَٿَ هَوا ۾ ڏُورَئون لوڏي، تون تہ ٿئين ٿو ڏارَ،
ساري رستي ۾ مَن منهنجي، ايندي رهندءِ سارَ.

❋

جو ٿو منهنجي هٿ ۾ ڪبوتر! ڦڙ ڦڙائين پَـرَ،
شاعر جي دل هوندي آهي، تو جئَن نازڪ تَر.

❋

تڏهين تنهنجي دلڙي چئبي، صوفيءَ وانگر صاف،
دشمن سان تون هٿ ملائين، قاتل کي ڪر معاف.

❋

پٿر تنهنجي دَرَ جو، منهنجو سنگِ ميل،
تون ئي منهنجي ساڀيان، تون ئي آن تڪميل.

❋

تنهنجا چڙ تہ اُڏيا پئي، پايل سوڏا پيرَ،
وصل سندي سا راتڙي، چانڊوڪيءَ ۾ سَيرَ.

❋



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آنءُ مجيندو آهيان، سعيد! اُتم سا ڏات،
جيڪا پن ستن اندر، سانڍي ڪائنات.

❋

پنهنجي ديد ۾ نيند هئي، ۽ ڪجهہ ڏک جا وڻ،
پر هُن کي مليل هُئا، نرگس گل جئن نيڻ.

❋

چانديءَ رنگ جئن چاندني، ڪڻڪ رنگو سو تَنُ،
ماڪيءَ رنگ جئن ماڻڪيون، مونکان ڪيئن وِسرن؟

❋

مستقبل ميرانجهڙو، اونداهو ماضي،
روشن آهي حال ئي، رُسُ يا رَهُہ راضِي.

❋

يا پنهنجي لاڪيت جيان، سيني ساڻ لڳاءِ!
يا ڪارونجهر تان پرين! مون کي تون ڪيراءِ.

❋

دل تي چئي مان تي پوان، هاڻي ايڏو رول،
سسئيءَ وانگر سَڏِ پئي، تَرِبَرِ مون کي ڳول.

❋

ڪاوڙ ۾ آ ڪاڻي، پيشانيءَ تَسِ سونڊ،
ڏسندي سِڪَ جو سعيد! ڪيئن، سيني منجهہ سَمونڊ؟

❋



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيون جي هَر موڙ تي بيٺو هوندس مان،
رابيلن جا گلَ جهلي، تولئه او جانان!

❊

موهن - دڙي متيءَ تي مون سان، پَلتي ماري ويهه،
سوچيون سنڌ وئي ڪيئن اُجڙي، ڪٿهين وَسندو ڏيهه؟

❊

تنهنجي منهنجي دلين ۾ جي، آهه اُتاهين تانگهه،
اُتر ڏکڻ جو پَنڌُ پيارا! آهي هڪ ٻرانگهه.

❊

ياد آچن ٿا ڏينهن سي، ادبي سنگت، آنءُ،
هاڻي ياد ئي ڪين آ، ڪنهن کي منهنجو نانءُ.

❊

ياد اچن ٿا آچ اُهي، ٿلواڙيءَ ۾ ميل،
پوتيءَ منجهه پٽي وڌا، تو پٽي گل رابيل.

❊

ياد آچي ٿي شام سا، ۽ هُوءَ شفق لال،
توسان سَيرُ سمونڊ جو، لهر لهر جي چال.

❊

جَل ٿَل، جَل ٿَل مينهن پرين تُون، آئون ننڍڙي بُوند،
جاتي وَس ڪرڻ تون چاهين، توسان بَرسان هُوند

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل ۾ پيئي شڪَ اُٽاري، هاڻي هِيءَ ويساند،
ڪڏهين تنهنجي پُوري ٿيندي، لِڪ لڪوتِي راند؟

❊

سعيد! اُهي ئي سَمجهو آهن، سُرت جَنِين سان ساڻ،
هر هنڌ آهن راز هزارين، هر پاسي اهڃاڻ.

❊

هينئڙو آهي زور آسان کان، قيد ڪرينس تُون آ نہ!
ڪارا هَڻ زنجير انهيءَ کي، تڙ کي ڪَر دربان.

❊

هيج مان چار وکون کڻ هاڻي، هن ڏي ڪر ڪا ديد،
پنڌ پرانهين تي ٿو اُسهي، پوءِ نہ اِيندُءِ سعيد.

❊

ياد آچي ٿي هُوءَ رُکِي، چا تہ هُئِي اڳ شُوم،
محبت بعد لڳي پئي، ڪيڏي نہ معصوم.

❊

هرڪو ڏُتِ نَشي ۾ آهي، جنهن پاسي بہ نِهار،
دنيا آهي مئہ خاني جيان، ڪو ڪو آهہ هوشيار.

❊

ڪورا ڪاغذ سڀ چڏي، لِکُ چون ٿا چاهہ،
گلڙن جي پنکڙين مٿان، ساجن جي ساراهہ

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سِيني سان پِل حُورَ ملي ڪا، سو نہ ملي ٿو ساءُ،
منهنجي لُنءُ لُنءُ ڪي هي ڪهڙو، توسان آهہ لڳاءُ؟

❊

ٻن جملن ۾ شرح حسن جي، دلڙي ڪيئن لِکي؟
ڪوزي اندر سمنڊ سمائڻ، آڳ ۾ چئيس سِڪي.

❊

بادامِي دريا جو پاڻي، صبح جي ٿڌڙي هِيرَ،
لُنءُ لُنءُ ڪي جاڳائي پيئِي، هر هڪ ايندڙ وِيرَ.

❊

ڪنهن بلند ستاري تي جيئن، ناهي سَڌُ پڙاءُ،
آڄ ڪلهہ ائين خاموش آ هينئڙو، ناهہ سندءِ سوداءُ.

❊

سڪ جي ڪائي سرحد ناهي، نينهن جا پنڌ پري،
هن سفر تي جو بہ وڃي ٿو، واپس ٿو نہ وَري.

❊

نينهن لڪايوسي ڏاڍو جِئَن، سُٽي نَہ هِي سَنسار،
پو بہ ڪويتا جي اکرن مان، پڌرا ٿِي پِيا پيار.

❊

ڪڏهين ڳائيندِي هُيَس، سهرا سَرتين ساڻ،
هاڻي آهيان هيڪلي، اکڙين ۾ آلاڻ.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڏا! ڀڙڪائي ڀَئي، جذبا هِيءَ برسات،
ڪيئن اڪيلي ڪاٽيان، جبل جيڏي رات؟

❊

ويسر ڪان پو اِيئن هِن، مَنَ ۾ پيارا شخص،
جيئن ٽُٽـل شيشي آندر، ڪيئي رل مِل عڪس.

❊

ويئي ڪسي مزدور ڪان، ميڙي، چُونڊي عيد،
ڪيئن مهينو ڪاٽبو، سوچي ٿو آڄ سعيد!؟

❊

تنهنجي دل ۾ دُور ٿي ڌڙڪي، منهنجي دل ۾ دُور
دليُن جا هِي ڌڙڪا شايد، هاڻ نه ملندا مُور!

❊

رَنگَ خوشين جا ٻارڙن ئي ماڻيا اڄَ سعيد!
گذري پنهنجي ڊِيدَ جي، ڏُنڌلِي ڏُنڌلي عيد.

❊

خط ۾ جملن بعد ڇو، ٽپڪن جي آ قطار؟
هن جا سڀ جذبات ڇو، ٿي نه سگهيا نروار؟

❊

راڻا چوڏهينءَ رات جو، ٿي واجهائي ڪاڪ،
مومل جي ماڙيءَ سندا، تولئہ ڪُليل تاڪ.

❊


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صبح سويري مٿڙي سُرَ ۾، ڪوبل جي ڪُوڪُو،
باغ ۾ آهي تنهنجي بدن ۽ گلڙن جي خُوشبو.

*

سورنهن ئي سينگار ڪري آچ، پائي آچ پازيب،
سپني منجهہ ملڻ ۾ ڪوئي، آڏيءَ ناهي عيب.

*

مَنُ مسافر ڀُلجي پيو هو، پهتو اهڙي جاءِ،
واڪا ها جت ويراني جا، ڪاٿي ڇانوَ نہ ڪاءِ.

*

راڻا! چوڏهينءَ رات جو، آتي آ تو ڪارڻ،
مُومَلَ سُرَهِي سَيجَ تي، جاڳي ٿي هل مارڻ.

*

راڻا! چوڏهينءَ رات جو، ڪهي نَہ آئين ڪاڪ،
موملَ سان رُئندي رهي، رات سموري ماڪ.

*

ڏَريا ڪَنڌِيءَ عِيد تي، ڇو ويٺو آن سعيد!
ڇو ٿو تَڪين ڇوليُون، ڇو ٿَئہ پِنَلَ ڏِيد؟

*

دريا ڪَنڌيءَ ڏيان ۾، آئِي ڪنهن جي سار،
سانجهيءَ لڙڪن پوئتان، آهي ڏُنڌلو پار.

*

Jeay Sindh



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دريا ڪنڌيءَ هينئڙو، ويچاري تو چا نہ،
لمحاتِي خوشيُون مليون، جيون پـَر ها ڏِيانَ.

*

دريا ڪَنڌيءَ رَيت تي، ڪيڏو ڪيڏو ڀار!
وَڏي وِجهندَوَ زندگي، سِرَ تي ڀاڙي بار.

*

جيڏِلِ! منهنجو جيءَ جُهري ٿو، سارينديءَ سَرتو،
آنءُ رُنيَسِ پَرچائيندو پـَر هُو ٿي نہ پَرتو.

*

جامد جـُڳُ ڪتي آ منٽي! وقت، وهڪ جڻ آبي،
ڪهڙي وِيرَ دَريا جي پُنتي، موتي آ مهتابي!؟

*

مَهَڪَ ثقافت جي ڪٽي، آجرڪ اوڍي آءُ،
ڪڏهين منهنجي قبر جو، لهي وَڄُ سَماءُ.

*

تنهنجي دل ڪاپائتي، منهنجو مَنُ ڪاتار،
هِي آ آتڻ نينهن جو، ڀاڻ ڪَتِيُون ٿا پيار.

*

ننڍپڻ جا سَڀُ منظر ڪن پيا، ڏسندي مون ڪي هات،
جڻ تہ چوي ٿي هر هڪ گهِتي، قَدُ وڌيو ٿي چا تہ.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جاڳي لوڪ سڄو سِڄُ اُڀري، عاشق جاڳن رات،
پن روحن جون رهن رهاڻيون، جاري تا پرڀات.

❊

سچ پچ هن جي جَهلڪَ ڏسان ٿو، تنهنجي فن ۾ آنءُ.
توکي آنءُ پڙهي پوءِ ڏيان ٿو، نئين ميران نانءُ.

❊

سارو آلو روڄ هجي ۽ جيڏا، ڳانا شَور،
ساٿين سان بوندا بانديءَ جو، آهه مزو ئي آور.

❊

افواهَن تي نينهن جو، چڱو مُحبَ سڳو،
ڏِسڻو وائِسڻو پرين، ٻُڌِ ني ڪيئن لڳو؟

❊

هِي مصروف زماني وارا، ڪين ڏين پل ڪَن،
بلبل وانگر ڪنهن گل خاطر، ڳاءِ پيو تُون مَن!

❊

دنيا جو وهنوار نظر ۾، ڪاٿي پوءِ جَچو؟
دوست! آسان جي دل جو جذهين، دامن عشق وَتو.

❊

فرق سمورو آهه ڏسڻ جو، ديد ۾ ڦيرو آهه،
هڪ ئي جوهر مثبت منفي، ڪوئي تفاوت ناهه.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برهه - بَنيءَ ۾ جيءَ - گھڙولي، پُختي آول پَچاءِ،
پوءِ وجد جي عالم ۾ تُون، ساري عمر وڄاءِ.

٭

لهر لهر ۾ لوچ لُڇي ٿي، توکي نِنڊَ نِڀال!
ساجهرُ پُڌ سنگيت سمنڊ جو ۽ ڏس سورج لال.

٭

هُو ساحل تي ڪين آ، ڪشتي ڪِئَن ڪاهيان؟
تنهنجي لهر سمونڊ! مان تِـيـئَـڻ ٿو چاهيان.

٭

هڪ دفعو جي ڪيس ڏِسين تون، اکيُون چنيندينءَ ڪين،
سچ پچ منهنجو ساجن سَر تي! آهڙو آهه حسين.

٭

رَو نَہ مهاڻا بالڪ! ايڏو، پيءُ لَئہ سياڻو ٿيءُ،
ڇولي ڇولي پيڻ آ تُنهنجي، دَريا تنهنجو پِيءُ.

٭

ڪاري پاڻيءَ منجهہ ڪنول ۽ پَر ۾ لُڏندڙ چَنڊُ،
ننڊ پيا هِن سَڀُ نظارا، جاڳي ٿو هِي مَنڊُ.

٭

مون ۾ آوگڻ ڪيترا، تُون آن خوبيُن کاڻ،
ڇورايان ڪجهہ خوبيون، پنهنجي ويجهو آڻ.

٭


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سعيد! نہ آهي تو سَندو، ڪوئي سُڌِ سماءُ،
اوءِ آزل جا ياترِي! ڪاٿي ڪَيئہِ پَڙاءُ؟

❋

سوين محافظ غنڊا ڪڻ تُون، پيجاري ۾ ويھہُ،
توکي دل ۾ جاءِ نہ ڏيندو، هِيءُ ڏُکايَل ڏيھہُ.

❋

بِيھِي بَنڌَ مٿان ڏِسُ جلوو، گھر ۾ رِلھي نہ تاڻ،
سعيد! اُفق جي اُترين ڪُنڊَ مان، نڪري ٿي لالاڻ.

❋

منزل ماڻي ڪِيَن ٿو، ڪوشش بِنا ڪوءِ،
ڪِرلِيُن کي پِي ڪجھہ ملي، جهڏن ڪان ٿو پوءِ.

❋

شھر خموشان ۾ هُئو، اگربَتِيُن جو واس،
وِچَ مان سعيد وَيو پَئي، ڪنهن لئہ هئو اُداس.

❋

هوريان هوريان رات جو، هل ساجن جي پار،
چوري ڪوئي ٻڌءِ مٿان، پايل جي جَهنڪار.

❋

پپُل هيٺان پينگھہ تي، لوڏِ تہ آنءُ لُڏان،
لوڏي سان ڏرتيءَ تان، آمبر ڏانهن اُڏان.

❋



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا تَہ هليو وَڃُ لاڙَ ڏيٰ، يا گَهرِ ساجَنُ سارِ،
گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ هينئَڙا! مون کي نَہ روئارِ.

❊

جي تو طبيعت ۾ رکي، ايڏي آرڏائي،
پاڇي وانگر پاڻ سان، هُوندءِ تنهائي.

❊

هر منظر معنيٰ ڀَريو، جڳ ۾ پاتو ديد،
ڪارا لفظ ڪتاب جا، سڀ ڪجهہ ناهن سعيد!

❊

توڙي داڳيل دلڙي، جهوراڻن ۾ جِندُ،
جوڳيءَ سندي جيءَ ۾، سُونهن ڀري آ سِندُ.

❊

جوڳي! هِجر حبيب جو، چِت منجهاران چاهہ،
ڪارو ويس لطيف جِئن، مُحبُ ڇَوَءِ پو لاهہ.

❊

ساجَنُ منهنجو آئِيو، پيهِيءَ ۾ پيهِي،
رَنج پُراڻا ريٽيا، مرڪيو جو ويهِي.

❊

چکي پيئي ذائقا، آسان اِيئَن ڏِٺي،
ڪا ڪا ڪوڙي زهر جيئن، ڪا ڪا مِٺِ مٺِي.

❊


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوڪ نہ ڄاڻي ٿو اهو، دلين سَندو حال،
ماٺ آهي ناراضگي، ۽ ڪا ماٺِ وصال.

❊

ظلم آ پُٽُ يَزيدَ جو، ڪندو پيو تاراج،
ماٺ آ صَبرُ حسين جو، ۽ ها احتجاج.

❊

رهندي منهنجي جِندُ رِيءَ، ڇا هيءَ منهنجي ذات؟
ڳَليـن ۾ يُونـانَ جي، سوچي ٿو سقراط.

❊

هر فنڪارَ جي ذات نرالي، الڳ سندس اظهار،
ڳُلَ ڳُلَ جو جيئڻ حسن آ پنهنجو، پنهنجي آ مهڪار.

❊

موڙَ آڇاتي وٽ ٿيڙو آ، هرڪو مسافر فوت،
گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ قاتل ڪَڏَ آ، سڀ جي پُٺيان موت.

❊

آنا آڪيلو ڪري ڇڏيندءِ، گُهٽجي مَرندين يارَ!
ايڏو ڦهلائي ڇڏ خود کي، ذات لڳي سَنسار.

❊

دنيا جي بازار ۾ دلڙيءَ، جاچي صورتحال،
سياست دان، اديب ڏٺا هِت، ڪي ويڪائو مال.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معنائن جا دفتر آهن، لفظ لفظ ۾ پيڊ،
اکرن ۾ تون اُلجهہ نہ ايڏو، مطلب ڄاڻ سعيد!

❊

ڇو آ حسرت هينئَڙا! ڄاڻ اندر سان جنگ،
زور سنديءَ ميندي ءَ کڏهن، مُور نہ لاتا رَنگ.

❊

باغَن وِچ ۾ ٿي رَهين، اي دل! ٿي نہ اُداس،
ڏِسُ مکڙيُون ۽ گوُنچڙا، گُلَ گل سان مَنُ واس.

❊

جيڪو پاڻَ پَري ٿئي، ڏئيس ڇڏي او شوق!
قرب نہ آهي قيد جيان، تانگهہ نہ آهي طوق.

❊

منهنجي آڏو ٿا لڏُن، تارا، چنڊُ، آڪاس،
ڇا تہ نديءَ ۾ حسن آ، وِسري ويئي پياس.

❊

تُون آ سِپَ سمونڊ جي، مان بادل جي بُوندَ،
بُوند سَمائج پاڻ ۾، موتي سَپجي هُوندَ.

❊

سڀ ثبوت وصال جا، پرهہ ڦٽيءَ جو ڏاهہ،
منهنجي ڇهري تان مٺي، پنهنجي لالي لاهہ.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آچ تائين آ سارَ ۾، توڙي مون ويساند،
تنهنجي گهر جو ڇاپرو ٻاراٽي ويڙهاند.

❊

آچ تائين آ سارَ ۾، فورتَ وارو واهه،
انبن جي خوشبوءِ ۾، واسيل سَنتَرُ گاهه.

❊

آچ تائين آ سارَ ۾، ٻهراڙيءَ جي شام،
ٻاڙهو سجُ ٻڏو پئي، وڻ وڻ پکي هُشام.

❊

پتڻ تي مون ناڪئا! هيڪل نَہ تَرساءِ،
يا نِيءُ پارِ پرينءَ ڏي، يا وچ ۾ اُڇلاءِ.

❊

ڪُنَ ۾ مَنُ فراق جي، گهوماتا ٿو ڪاءِ،
ڏي واڏايُون وصل جون، دلبر ڪا دلجاءِ.

❊

نيٺ ويس مان سُڄّ ڏي، پنهنجي پاڇي سارڻ،
ناهيان بيٺو موڙَ تي، جانان! جاچ نہ هارڻ.

❊

ڪوئي ڏي ڀل جهڙي فتويٰ، ڀلي ڪري تنقيد،
جاري رک سفر تون پنهنجو هلندو هل سعيد.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن ڪڏهن آ چوندي دلڙي، گيت نہ ڪوبہ ڇپاءِ،
يا تہ سُٽائج گلڙن کي تون، يا دَريا تي ٻاءِ.

❊

ڇو نَہ ڇني ڪا هُنَ اُماڻي، ڇو نہ لکيو ڪو خط؟
ڇا پرديس ۾، وِسري وَئي تَس، سنڌي رسم الخط؟

❊

من ۾ تسبيح تانگهہ جي، لب تي تنهنجو ناءُ،
ساجن! تنهنجي سِڪَ ۾، عابد جهڙو آءُ.

❊

تو تہ چيو هو: "ٽٽڻو ناهي، سهڻي! پنهنجو سنگ،
گونجن ٽا سڀ وعدا دل ۾، اُترِيو ميندي‌ءَ رنگُ.

❊

دل چاهيو آڏ رستي تان ئي، توڏي ڪاوان موٽَ،
ڪافي دير ڏٺئِ پئي مون ڏي، نيري دَرَ جي اوٽَ.

❊

تون ۽ مان دالانَ ۾، هيرَ ٽَڏِي، پرڀات،
آج سا ياد آچي پئي، سياري جي برسات.

❊

ڊِيدَ رِلهيءَ جي پُورَ ۾، هٿ ۾ هيس سُئِي،
۽ هوءَ ڪنهن جي پُورَ ۾، گم سُم سعيد! هُئي.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ياد آچن ٿا نيڻ پرينءَ جا، ڪارا پئونرا، شام،
ڪجلن نيڻن جو آج تائين، مَنَ ۾ آهه قيام.

❊

ياد آچن ٿا جڳ مڳ جُهڳتا، پُورنماسِي رات،
ٻهراڙيءَ جي خاموشيءَ ۾، سُرٻاتَن ۾ بات.

❊

ياد آچن ٿا آرڏا جذبا، جوڀن، عزم آڏول،
ناڪاميءَ ڪان پوءِ ڪري ٿو، پنهنجو مَنُ بہ تَنُول.

❊

ياد آچن ٿا گُهنڊڙي گهنڊڙي، ڪنهن جا ڪارا وار،
ساوڻ جي برسات، گهٽائون، ڪارا ڪارونيار.

❊

باقي چار ڏهاڙا جيون، هَر پَلُ مُرڪِي ماڻ،
ڪنهن سان ڪهڙا جهيڙا جيئَڙا، ڇڏ تون هَر ڇِڪتاڻ.

❊

جنهن ڪي تون ماڻي سگهِين، سو ئِي آي دل! چاهِ،
پر ٻانهن ۾ جڳ سَچو، ڪنهن نہ سَنڀاليو آهہ.

❊

سمنڊ ڪناري سُمهِي پوان، مان، تاريان انگڙا، هانءَ،
سَپنِي جي حسناڪ فضا ۾، توسان گڏجان آنءَ.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راهہ ڪنڊائين زندگي ۾ ڪِٿِ سُک جي سَيجَ،
ڪاٿي پڙڪن نفرتون، ڪاٿي تَڙپَن هَيجَ.

❊

جر ـ ڦوٽي جان ٿورا پَلَ آ، سعيد! آسان جو ساهہ،
دائم وَهندو رَهندو موجن ساڻ مگر درياهہ.

❊

موت، مهاڻي ماريءَ جهڙو، جنهن آ وِڇايو جارُ،
خَلقَ ڪُنڊِيُن ۾ ڦاسائي ٿو، دريا آ سَنسارُ.

❊

چار گهڙيُون آ جيون گُلَ جو، پو بہ ڏئي سُرهاڻ،
جا بہ حياتي آهي جيئڙا! رَهہ تُون خوشبُوءِ ساڻ.

❊

اي دل! آنءُ آياڻو اهڙو، سي نَہ سُجاتَم نيڻَ،
جن نيڻ ۾ پياسَ آزل جي، ڏُور رَهَڻ جا وِيڻَ.

❊

اي دل! آنءُ آياڻو اهڙو، مَنَ ۾ سانڍيو جن،
تن سان جهيڙا جيءَ ڪيا ۽ صَبر ڪيو پَئي تن.

❊

اي دل! آنءُ اياڻو آهڙو، مَرڻو ئِي هُس نيٺ،
جنهن وڻ ۾ ها نانگ وڪوڙيل، ويٺس اُن جي هيٺ.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اي دل! آنءُ آياڻو اھڙو، مون کي سُڌِ ئي ناھ،
حَدَ ۾ لامحدود جي وِچَ ۾، ھڪڙو پَردو آھ.

❊

اي دل! آنءُ آياڻو اھڙو، موت ڏني فڪرات،
فنا تہ صرف آنا جي لَءِ آ، زنده رھندي ذات.

❊

اي دل! آنءُ آياڻو اھڙو، جوڙيا پئي مون محل،
ڪل نہ ھُئي ڪاسِپ ڪجھ ھتڙي، چڏيو ڪنھن پِيِ مَحَل!

❊

آي دل! آنءُ اياڻو اھڙو، سپني سان آ چاھ،
جنھن جي آ تعبير جُدائي، موھَ ۾ تہ بہ ويساھ.

❊

اي دل آنءُ اياڻو اھڙو، دشمن جاتو دوس.
نيٺ ھٽي وِيو ڪاتِي ڪُڪِ ۾، پوءِ ڪَيُم افسوس.

❊

مون سمجھيو تہ وِسي آ ويئي، بَرھَ سندي سا باھ،
سالن ڪان پو جھلڪ ڏسڻ سان، ساڳي ڀَڙڪي آھ.

❊

ڪِينَ ڏني تو، ڪين ڏني تو، دلڙي ھُن کي دانُ،
ڳوڙھن سان جنھن ڳاتو آھي، سعيد اُھو آ ڀانُ.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صَبرَ کي ڪمزوري ٿو سمجهي، ڪيس وِچي سَمجهاءِ،
رڳ رڳ ۾ نہ بغاوت پڙڪي، ايڏو ڪين سَتاءِ.

❊

ڪين ڪري دنيا جي آڏو، تنهنجو ڳوڙهو ڪو،
ڪمري اندر تَنها ويهي، اي دل! ڏُک ۾ رو.

❊

ٻاهر ڪهڙا پيرا ڪڍجن، تو ۾ مَنَ جو چور،
دنيا جا سَڀُ ڏِڳ وِساري، پنهنجي آندَرِ ڏور.

❊

پِرِهہ ڦُٽيا گُلَ سَڀُ ننڍاڪا، مالهي ڪين سُڏير،
باغَ سَڄي مان خوشبُو ميڙي، چورائي وَئي هيرَ.

❊

ڇا هِيءَ ساڳي سِندُ آمڙ آ، تَهذيبُن جي ماءُ،
لاوارث آ ٻيوهہ وانگر ڀيڻ نہ جنهن جو ڀاءُ.

❊

جڻ تاريخي نُوحا آهن، پنهنجا ڏوهيڙا،
پيڙهيُن کان مون تائين پهتي، ورثي ۾ پيڙا.

❊

توڏي خط لکڻ ٿِي ويهان، جڏهن بہ ٿِي بي چين،
ڇُپ ڇُپ ۾ هر ڳالهہ ٻُڏي ٿي، ڪري نہ ڦَٿري ڀين.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سعيد! اُهائي شاعري، ڏيندي آ اُتساهہ،
جنهن جي هر هڪ سِٽ ۾، صديُون ڪٽڻ ساهہ.

❊

دل تہ گهڻي بيتاب آ اُن ڪي، سعيدڻ! تُون سمجهاءِ،
جنهن غلطيءَ مان پيڙا پاتي، وري نہ سا وَرجاءِ.

❊

آئينو بس رُوپَ پَسائي، ڏيکاري ٿو عڪس،
ڪنهن جي دل جو درد نہ ڄاڻي، جو ٿو ڀوڳي شخص.

❊

پنهنجو جيءُ جدائيءَ جي روزي سان آهي هاڻ،
اکيُن جي افطاري ٿيندي، تنهنجي دَرشن ساڻ.

❊

دُنيا جي ميلي ۾ رَش آ، گُم ٿِي وِيندين ووءِ،
جي تُون مون کان ڌارَ وئين ٿي، ڪِٿ نہ ملندين پوءِ.

❊

تُون پرديس هليو وَئي جاني! ساڻ نيئين ها، هاءِ!
منهنجو جِيءُ نَہ هاڻي هتڙي، ريجهي ٿو ڪنهن جاءِ.

❊

ياد اچي ٿي گهرَ جي ڇت ۾ ننڍپڻ، سُندر مَنڍُ،
آگر سَندي اشاري سان تو، ڏيکاريو هو چَنڊُ.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪير ڪَڇيندو نيري اُڀَ کي، تارا ڪير ڳڻي؟
ڏُورَئون ڏاهپ هر ڏاهي جي، آندازا تي هٽي.

❊

خَطَ پلي ڪَر ٽُڪرا ٽُڪرا، ڏئين پلي پوءِ باهِ،
آنءُ مڃانءِ جڏهن تُون دل تان، منهنجو نالو ڊاهِ.

❊

وارَن منجهه سفيدي آئي، عمر گهٽائي ڊِيدَ،
آنءُ اڳي وانگر ئي آهيان، سادو سُودو سعيد!

❊

پيارا! مون کي پنهنجي هَٿ سان، چيريُون آج پاراءِ،
نينهُن نچائي مون کي ايڏو، ڦانهِ ڪري ڪيراءِ.

❊

چوڏاري ڇولِيُن جا ڇَپڪا، ڪارو سَمنڊ آجهاڳ،
پنهنجو ڪوئي ساحل ناهي، ڪوبہ نہ دل جو ماڳ.

❊

سولائيءَ سان ڪين لکيو آ، ڏوهَن سندو بَياض،
سُورَن جو هر سُر سُجاتم، راتيُون ڪَيُم رياض.

❊

پرديسيُن جي سُورَن ڪان، آ ڏاريو ديسُ آڄاڻ،
هيڏو ڏُور آچي ٿو مَنڙو، تانگهي تنهنجي ڪاڻ.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَوين ڏَئي سَمجهاڻيون ويندءِ، لهر لهر جي لوچ،
دَريا ۾ تُون ڊِيڊُ کُپائي، سانجهيءَ ويلي سوچ.

❊

صُبحَ سَويري ذڪر "آلاهُو"، ۽ ڏاڏيءَ جو جَنڊُ،
ياد آچي ٿي هِيرَ پرهہ جي، جاڳ ۾ هلڪي ننڊ.

❊

جيڏي! پاءِ نَہ جهاتيُون هُن لَئہ، تانگهہ نَہ تَنهن جي ڪاڻ،
تُنهنجي پِڃِري منجهہ نَہ ايندو، طوطو موتي هاڻ.

❊

واپاري ٿي سوچ نَہ ڪُوتا، وَکَرُ نہ آهي هانءُ،
آهن لفظ سَنيها دل جا، ڏانوڻ ناهي ڏانءُ.

❊

جنم جنم کان پياس اُهائي، ڏات پُڪاري تونءِ،
دوهَن کي دُهرائي دل ۾، وِيني ميران روءِ.

❊

چِڏ هِي آجايو مِسڪڻ هاڻي، پَنهنجا ڳَلڙا اُگهہ،
کِلُ تہ نهاريان خوش ٿي جانان! تُنهنجي ڳَلَ جو چُگهہ.

❊

حرص، هَوَس جو پُتلو آهين، پِتڪيل دل کي سُڌار،
فاقن سان ڪو فرق نَہ پوندو، اڳ ۾ مَنُ تہ اُجار.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن بہ ڏِسا ۾ ڏَس نہ ملندُءِ، ڳَلين منجهہ نہ ڳول،
هستي اهڙي وَستيءَ ويئي، جتان نہ وَربو ڏول.

❊

سعيد! سَتائي ڪين تي، ڪنهن جي هاڻ آڻاٺ،
اَڄ ڪلهہ آهيوُن سڪون ۾، مان ۽ منهنجي ماٺ.

❊

لِيڙُون ليڙُون لَتا جَنين جا، چِهيرون چِهيرُون جِندُ،
تُنهنجِي لَڄَ بچائي وَنندا، تُنهنجا ٻچڙا سِنڌُ.

❊

پاڻ نہ ڄاڻون هِيءَ سرشتِي، ڪيڏي آهہ وسيع؟
جاري مان جڻ جَڳُ ڏسون ٿا، سڀ ڪجهہ ناهي هِيءُ.

❊

وِڪ وِڪ ڏرتي ٿامون ٿِي آ، هاڻي منهنجي لاءِ،
دَريا! منهنجي جسم تَتَل کي، پاڻيءَ منجهہ پُساءِ.

❊

عشق اندر جي ڪايا پلٽي، ڪائي هَوَس نہ آهہ،
سِڪَ لڳي ٿي سجدي جهڙي، پوڄا جهڙو چاهہ.

❊

آئيني جا ٽُڪرا چُپيندَءِ، رت ۾ هَٿُ نہ ٻوڙ،
اي من! سو ويساهہ نہ جڙندو، ڪيڏو ٻيو ٻَل جوڙ.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن ٻوليءَ ۾ لولي ڳاتي، مون لءِ منهنجي ماءُ،
جذبن جو اظهار اُنهيءَ ۾، ڏي ٿو منڙو ساءُ.

❊

ڪائي سوچ نَہ واضح ڪنهن جي، آخر مقصد ڇاھ؟
جِدّت پڄاڻان افراتفري، نظرين جي ٻَجَ ڊاھ.

❊

محبت ڪان پو نفرت جي حد، پاڻ ڪَيُون ٿا پار،
عشق! آسان ڪي ڪنهن وڻ هيٺان، ڪولي دل رَوئار.

❊

هر هنڌ تُنهنجا جلوه پايان، جِت ڪِٿ ڪر موجود،
هڪ وجود تہ ڪافي ناهي، ڏي ڪجھ ٻيا بہ وجود.

❊

ويهہُ نہ دڳ ۾ آسَ پلي، دل! هوريان ئي پر جهاڳ،
هَر رستي جو انت آ ٿيندو، نيٺ تہ ملندو ماڳ.

❊

رَيتِ اُڏائي پئي رُڳو، وارياسي تي واءُ،
ڪارونجھر هو ڏک ۾، مَورَ مُئا پَئي ماءُ!

❊

آهي ٿَڌڙي راتڙي، موهي پَيو مَنڊُ،
بيٺو آ مينارَ جي، پويان چوڏهينءَ چنڊ.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چرخو چوري ئي نہ ٿو، منھنجي من جو ڪيت،
پَئي پَئي متيءَ ۾، لَتجِي وَيو آئت.

❊

جيئن نہ ڳڻجن چوليُون، جيئن وسيع آڪاس،
تِيئَن آسان جون حسرتون، مَن ۾ اَڻ ڪٿ آس.

❊

منھنجي مَنَ جي مِورتي! ھِيءَ نہ حسن لڪاءِ،
پُوڄا پيارُ ڪري وٺي، مون ۾ نيڻ کُپاءِ.

❊

جا پُوڄِيسُون مورتي، تنھن کي ڪل نَہ ڪاءِ،
پٿر جي مندر اَندر، ويٺو مَنُ پَڇتاءِ.

❊

آئيني جي سامھون، ڪنھن کي پيو ڏسان،
ايڏو خود کي اوپرو، ڇو ٿو اَڄ لڳان؟

❊

ويجھو ھاڻ چَڪورَ جي، پڳو ھُو ماھتاب،
مينھن وَسِيو جو لام تي، ٿتو پکيءَ جو خواب.

❊

دل وِجائي موتِيا، دريا ڏي جو نيڻ،
چوليون طنز ڪري اُٿيون، واھ ڏنا پئي ويڻ.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي ياد بہ هاڻ آ، بلڪل ساڳئي ڀيتِ،
جيئن مُئين مان هارجي، ويندي آهي رَيتِ.

❋

پَنُ پَنُ بي حِس ٿو لڳي، شاخُنِ ڪي نَہ سماءُ،
اِنَ آياڻي وَڻ تان، اُڏي ڪبوتر! آءُ.

❋

مَنَ جو آئينو ڀڄي، ٽُڪرا ٽُڪرا ٿيو،
ٽُڪرو ٽڪرو ڏِسُ ڪٺي، تنهنجو عڪس هوندو.

❋

واءُ نہ کولي رازَ ڪي، پاڙي پوي نَہ ڄاڻ،
هوريان ڪجان وصل ۾، سُس پُس ساجن ساڻ.

❋

آهن سُٽنديُون باتيوُن، ڀِتيُون لائي ڪَنَ،
ڪجن دل جُون ڳالهيُون، محتاطيءَ سان مَنَ!

❋

ساجَنُ سُهڻو لَڄِڻين، ڀَڄڳڻ سندس ٻول،
جيڏي! شل نہ رُسي ڪڏهن، آوڳڻ ڏِسي ڍول.

❋

ڦُرِڻَ، ڪَسِڻ جو ايترو، ڀين ۾ عقل ناهہ،
سياست دان پکيُن اندر، ڪانءُ اڪيلو آهہ.

❋



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فِطرتَ سندي سُپاءَ ۾، لالچ نَہ ئي جَهل،
پئسن سان ڏيندو نہ آ، ڪو وَڻُ پنهنجو ڦل.

❊

آنا پرستيءَ ۾ هُيا، هُتي سَڀُ آديب،
ڪمبل پائي ماڻ ۾، ويٺو سعيد غَريب.

❊

سيارو موتيو سانورا! تُون ٻي هاڻي وَر،
تو ريءَ ساڙي چاندي، ڪائي تو چڻ گهر.

❊

هاريو عطر هن مٿان، ڪَنَ ڪريو خوشبُوءِ،
هن بہ حياتيءَ ۾ هئي، مهڪائي هِيءَ جُوءِ.

❊

ٻيجان ساريُون چُوڙيون، چولي اُچليان باهہ،
ٿوهہ جوانيءَ ۾ پرين، ساموندين سان آهہ.

❊

راز لِڪَلُ نِرواڻ جو، آهي منجهہ ايڪانت،
گوتَم اڪيُون ٻُوٽيُون، ڇوڏِس منڙي سانت.

❊

تارَ مٿي تانيـَتا! تو جَڳَن ڪيئن چَڙهان؟
ڪِرِي نظر مان محب جي، ويٺو هَت هٽان.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن وٽ دولت جيتري، تيڏو ڏَنَ جو حرص،
طلب جَنهِين کي تِـرَ جي، سعيد! اُهو مَنُ سَرس.

❊

ڏي واڏائيُون وصل جون، يا ڏي سائين! موت،
ويچارِي واجُهون وِجهي، تَڪِي آهي هوت!

❊

ڏات! آگر نَہ ملي اُهو، ڪهڙي ڪَمَ جا ٻول؟
چاهيان تي شهہ رڳ ڪان، ويجهو پايان ڊول.

❊

خُوشبو تُنهنجي ڏُنَ ۾، هَرَڻَ! نہ ٻاهر ڳول،
ڳولا ۾ خوشبوءِ جي، پاڻُ نَہ ٻاهر رول.

❊

مَنُ هَرَڻَ جيئن هَنَ کي ڳولڻ، نڪتو آسَ رکي،
ڪنهن ترائيءَ هَٿ نہ آئي، پر هُوءَ هرڻ - اکِي.

❊

جنهن جا سَپنا رات ۾ سارُون هِن صُبُوحَ،
سُندر سر زَمينَ سا، ڪاٿي آهي رُوح!؟

❊

الفاظن جي آوٽ ۾، پاڪُرَ ۾ آ بات،
تنهنجي منهنجي وِچَ ۾، وصل وَسيلو ڏات.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن بيوس جي وَسَ ۾، هِنَ رِيءَ هوندو چاهه؟
منهنجِي ماٺ مزاحمت، جو ئي حصو آهه.

❊

ٿورو وقت ڪِڍي ڪري، اي دل! پَٽَ اُڪيل،
سارِجُ هُن جون ڳالهيون، سارج چپ ناريل.

❊

ڪيسين رهندا او پرين! وارياسي ٽي پيرَ،
اچڻيون آهن آنڌيُون، پيارا! دير سَوير.

❊

منزل آ محبوب جي، مس مس مَنَ لَڌِي،
منهنجو نينهن نچي پَيو، ڇَم ڇَم ڇير ٻَڌِي.

❊

ڏِسُ هُو لهندڙ سِجَ جي، اُڀَ مَٿي لالي،
ڄڻ ڪنهن چترڪار جي، سُهڻي چِتسالي.

❊

طوطو پڃري جي آندر، واڙيَلُ صبح شام،
پکيءَ ڪان وِسرِي وَئي، آهي هاڻ اُڏام.

❊

خوشبوءِ سان هر چيز جي، خاصيت سمجهين ٿو،
راڻو منهنجي روح جو، چاڻين ٿو شجرو.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارا وارَ آڇا ڪري، وقتُ گُھنجائي انگ،
ڪيئن ڪري ٿو ويسرو، ذِهنَ لڳائي زنگ.

*

ڪيڏا نُونڊَ ڪري وئي، سنڌڙيءَ سان تاريخ،
آتڪي پئي آهي اجا، نڙيءَ نڙيءَ ۾ چيخ.

*

ڪنهن عورت جي شاعري، پڙهن ٿا جي فرد،
ڌُهلَ وڄن ٿا داد جا، ڦرن ٿا چؤگرد!

*

ڪنهن ڳِل جو تِيو تلڪ ازل ۾، نيڻن لئہ نيشان،
ورنہ هجي ها پنهنجو هينئڙو، جڳ ۾ سرگردان.

*

سوچي ٿو برسات ۾، پِچندڙي رَني ڪوٺ،
ڇا هُو شاهي ڏَيڏيو، ٿي ويو مِٽيءَ اوٺ!؟

*

پَتڙيون آهن ريل جون، جيئين گڏ ۾ ڏار،
وڇوڙي ۾ وصل ائين، ساٿيو پنهنجي پيار.

*

سورج مُکيءَ وانگر منهنجي، دل جو آهہ سُڀاءَ،
تنهن جي پاسي تانگھ ازل جي، جاڏي منهنجو تاءَ.

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساري سگھہ ڪڍيو ڇڏن، لوڪان ڪري لڪَ.
هڪ جهڙا دل کي لڳا، سُرو، تنهنجي سڪَ.

❊

صبح سويري ڪم تي، پوياڙيءَ جو موت،
عضوو عضوو ڇُور ۽ هٿ ۾ تورا نوٽ.

❊

هر هر ڪاٽُ هڻي پيو، هينئڙي ۾ هي خيال،
سرتي هي بہ ويو هليو، ساجن بنا سال.

❊

ڪوري! ويهي ڪَتِ تون، سُتَ ڪٽي سارو،
جيڪو آهي اُلجهيل، ڦِتي ڪر ڦورو!

❊

جيون - ڊرامو مون لکيو، يا مان هان ڪردار؟
ناٽڪ منڊليءَ جو ڪٿي، آهہ هدايت ڪار!؟

❊

منزل آ محبوب جي، مس مس نينهن لَڏي،
منهنجو نينهن نچي پيو، ڇم ڇم ڇير ٻڌي.

❊

جذبا پنهنجي جيءَ جا، لکندا آهن جام،
ڪنهن ڪنهن شاعر جون سِٽون، لڳنديوُن هِن الهام.

❊



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُورج! منهنجي ساهہ ۾، ايڏي گرمي اوت،
♠تَبريزيءَ کي تابَ جي، جيئن تو آرپي جوت.

❊

پنهنجائپ جي خوشبو پاتي، گهٽيءَ گهٽيءَ مون يار!
مون کي ياد سدائين رهندو، ♥ڳيريلو، حبدارَ!

❊

حواسَندي هُشيءَ تي، لِکِي ڪيئِہ گُناهہ،
♥غلطيون وَرثي ۾ ڏنئہ، ڏاڏا! ڪيئِہ تَباهہ.

❊

روز نہ جهوريءَ ـ جَندُ تُون، ويٺي ڪُندڙيءَ ♦پِيهہُ،
مون سان آج دالان ۾، برساتيُن ۾ پِيهہ.

❊

چو آ غم آلاپَ ۾، چا ڪَہ سُرَ جَرڻ پارَ،
دل جي دُنبوري سندي، ♦گوري ڇِڇِي تارَ.

❊

---

♠تبريزي: شمس تبريز
♥ڳيريلو: ڳوٺ جو نانءُ. حبدارسولنگي: شاعر دوست
♥ڏاڏا: ڏاڏا آدم
♦پيهہ: پيِنهن
♦گوري: تنبوري جي هڪ تار جو نالو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جَهرڻَ جيئن هُن جُون سِنُون، آهي هُوءَ باذوق.
ءَ هُن ۾ جهلڪن پَيا، ♥سَئفُوءَ جهڙا شوق.

※

چنڊ! اُهائي حُبَ آتَس، سچ ٻڌائج هاڻ؟
♥وليدن جي وچ ۾، چاهي تي چانڊاڻ؟

※

شانتي نِڪيتن اندر، ناهي ڪوئي شور،
•گيتا نجليءَ جُون سِتون، سِرجي ٿو ٽئگور.

※

آنءُ نہ ڄاڻان ٿيو ڪٿان، آسان جو ♥آرنڀُ،
آسان پَسيو پاڻ کي، طوفانَن ۾ ڪنڀُ.

※

ڳوڙهن منجهہ ڳراٽِڙي، پاتي آج نہ تو،
ڇا تنهنجي هستي هئي، پاڻيءَ ۾ •پَرتو؟

※

---

♥سئفو: يوناني شاعره
♥وليد: لاڙڪاڻي جو هڪ محلو
•گيتا نجلي: ٽئگور جو شعري مجموعو، جنهن تي کيس نوبل انعام مليو.
♥آرنڀ: شروعات
•پرتو: پرتوو، پاڇو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آڄ بہ رسالي ۾ پيئي، سِٽ سِٽ ڪٽي ساهہُ،
♥هومر ڪان بہ اهم لڳو، مُون ڪي سِنڌُ جو شاهہُ.

❊

بانِيني ۾ برهہ جو، ڏاڳو ويڙهي ♥سِيءُ،
سِبُ پوشاڪُون رُوح جُون، عام نَہ درزي ٽِيءُ.

❊

ايندي هئو مَنُ آسري، ويندي دِلِ پيڳو،
مَنُ ڪي •"حيدر چوڪ" ٻيي، سارو سُڃَ لڳو.

❊

ساڳي ذات ڪَبِيرَ جي، گِنڊِڻ جن وَڙاءُ،
♥"نِسورو ئي نينهن جو، جوڳيءَ تي جَڙاءُ"

❊

دريا مٿان ٽي اُڏي، سانجهيءَ جو هڪ •سانهن،
ڏِسي ٽِي ٻيڙيءَ تي، ٻَدلَ چاريءَ ڏانهن.

❊

---

♥ هومر: يونان جو شاعر
♥ سيءُ: سِبُ
• حيدر چوڪ: حيدرآباد جو مشهور چوڪ
♥ لطيف سائينءَ جي سٽ مٿيل ترتيب سان
• سانهن: پکيءَ جو نالو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سعيد ميمڻ




جنم: 8 نومبر، 1968ع

ايڊريس: ڳوٺ عاقل، تعلقو ۽ ضلعو لاڙڪاڻو

اي ميل:saeedmemonakili@gmail.com

فون نمبر: 03433847099

03049191550


Jeay Sindh

## شايع ٿيل ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| ○ نيڻ سفر ۾ | (غزلَ) | جنوري | 1997ع |
| ○ ڪاري برَ ۾ چنڊُ | (پنجڪڙا) | آگسٽ | |
| ○ خوابَ — چارا | (شاعري) | مئي | 2005ع |
| ○ درد جون آيتون | (شاعري) | فيبروري | 2009ع |
| ○ اسان جو عشق اٽپورو | (شاعري) | فيبروري | 2010ع |
| ○ دل دنبُورو | (غزل) | مئي | 2011ع |
| ○ آنءُ لهر سمونڊ جي | (دوها) | آڪٽوبر | 2014ع |

## ايندڙ ڪتاب:

ازل جو آڌاٽو (طويل غزل)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀرپور ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book